ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 30 آڪٽوبر 2025ع 07 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپه شمارو(76)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان جي سرحدي حدن جي ڀڃڪڙي خلاف افغانستان ۾ ويجي جواب ڏيڻو پيو ته ڏينداسين: وزير دفاع

طالبان رجيم، صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت کي بچائڻ لاءِ افغانستان کي هڪ ڀي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن به دهشتگردي يا خودڪش حملي کي برداشت نه ڪندو

طالبان حڪومت قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت کي بچائڻ لاءِ افغانستان کي هڪ ڀي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پاڪستان خلاف ڪنهن به مهم جوئي جو جواب سخت هوندو

افغان طالبان رجيم، مسلسل برادر ملڪن سان ڳالهين لاءِ درخواست ڪري رهي هئي، برادر ملڪن جي درخواست تي پاڪستان افغان طالبان رجيم سان امن خاطر ڳالهين جي آڇ کي قبول ڪيو

طالبان رجيم ۾ انتشار ۽ ورڪو موجود آهي، پنهنجي ڪمزوري ۽ جنگي دعوت جي حقيقت چاڻيندي جنگ جو طبل وڄائي ظاهري طور افغان عوام ۾ پنهنجي بگڙيل ساک کي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن

جيستائين گريبيارڊ اِن ايمپائر جي بيانن جو تعلق آهي، پاڪستان يقيناً هرگز ايمپائر نٿو چوي، حقيقت اها آهي ته افغانستان طالبان جي ڪري پنهنجي ئي ماڻهن لاءِ هڪ قبرستان کان گهٽ ناهي

طالبان جا اهي ريڙهاڪ جيڪي خطي ۾ بدامني پکيڙڻ ۾ پنهنجو ذاتي فائدو ڏسي رهيا آهن سمجهي وٺن ته هنن شايد پاڪستاني عزم ۽ حوصلي کي غلط انداز ۾ ورتو آهي ۽ هو پنهنجي انجام جو حساب ضرور ڏسي: خواجه آصف

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته طالبان رجيم صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت کي بچائڻ لاءِ افغانستان کي هڪ ڀي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن به دهشتگردي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم کي الجزائر جي پرڏيهي وزير احمد عاطف جو فون

پاڪستان - الجزائر لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل سهڪار تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير محسن نقوي جي ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان ملاقات

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ گڏيل لاڳاپن، ٻطرفي تعاون ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي ڳالهيون

گهرو وزير، وزيراعظم محمد شهباز شريف طرفان ايراني صدر لاءِ نيڪ خواهشن ۽ خير سگالي جو پيغام پهچايو

ايران پاڪستان سان لاڳاپن کي خاص اهميت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي پاڙي ملڪ پاڪستان جي تعاون کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي: ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان

ايران ۽ پاڪستان وٽ تعاون کي هٿي ڏيڻ جا بي پناهه موقعا موجود آهن جن سان ٻنهي ملڪن جي عوام کي فائدو پهچي سگهي ٿو

تهران (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي گڏريل ڏينهن ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

رياض: رياض جو گورنر وزيراعظم شهباز شريف کي الوداع چئي رهيو آهي

اي چالان انهي وٽ ويندو جنهن جي نالي تي گاڏي جي رجسٽريشن هوندي: ضياءَ لنجار

ڪراچي ۾ ٽريفڪ سگنلز سان گڏ لڳل ڪيمرائون هڪ مهيني ۾ فعال ڪري ڇڏينداسين

ٽريفڪ پوليس سان گڏجي مختلف علائقن ۾ ڊرائيونگ لائسنس سينٽرز به ٺاهي رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ لنجار چيو آهي ته اي چالان انهي وٽ ويندو جنهن جي نالي تي گاڏي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ پاران شبلي فراز ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم وزير علي پرويز ملڪ جون بنگلاديش جي اعليٰ عملدارن سان ملاقاتون

وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار محمد توحيد حسين سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ٻطرفي واپاري تعاون کي وڌائڻ ۽ توانائي جي شعبن ۾ گڏيل تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ

ڍاڪا (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ڍاڪا ۾ بنگلاديش جي اعليٰ عملدارن سان اهم ملاقاتون

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير هڪ عظيم فائٽر آهي: آمريڪي صدر ٽرمپ جي واکاڻ

پاڪستان ۽ ڀارت کي چيو ته جيڪڏهن هو جنگ ڪندا ته آمريڪا انهن سان واپاري معاهدا نه ڪندو

پاڪستان جو وزيراعظم به بهترين انسان آهي، انهي وٽ هڪ فيلڊ مارشل آهي جيڪو تمام گهڻو زبردست فائٽر آهي

مودي سان منهنجي سٺي دوستي آهي، مان انهي جو احترام ڪريان ٿو هو هڪ قاتل ۽ تمام سخت قسم جو انسان آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته منهنجي مداخلت کان پوءِ ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ امڪاني جنگ رڪجي وئي هئي هن چيو آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ جي دوران

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تاج حيدر پل کي ڪوليو ويو، حڪومت عوام کي سهولتون ڏيڻ چاهي ٿي: شرجيل ميمڻ

هن پل جي افتتاح سان ڪورنگي جي صنعتي ڀرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن کي سهولت ملندي

عالمي بينڪ جي سهڪار سان ييلو لائن بي آر ٽي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري آهي

شڪارپور، خيرپور ۽ نوشهرو فيروز ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ حڪومت قيوم آباد چورنگي جي ڀرسان تاج حيدر پل کي عوام لاءِ کوليو آهي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تاج حيدر پل جو معائنو ڪري رهيو آهي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان، 100 انڊيڪس 1635.97 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهرين تي اي-چالان لاڳو ڪرڻ خلاف ايم ڪيو ايم ميمبر پاران سنڌ اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهرين تي اي-

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسرائيل فوج جي غزا ۾ ٻيهر وحشياڻي بمباري، 46 ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد، 253 زخمي

نيتن ياهو جي حڪم تي اسرائيلي جهازن غزا شهر تي ٻيهر فضائي حملا شروع ڪري ڇڏيا، اسرائيلي فوج غزا شهر ۾ مختلف هنڌن تي حملا ڪيا، هڪ ميزائل الشفا اسپتال جي ڀرپاسي ڪريو

اسرائيل جي بمباري ۾ ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد ٿي ويا، ٻارن جو تعداد 46 ۽ عورتن جو انگ 20 آهي، هڪ وڊيو ۾ اسپتال اندر ڪيئي عورتن ۽ ٻارن جا لاش ڏيکاريا ويا

ڪارروائي حماس طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي جي جواب ۾ ڪئي، حماس ڪمانڊر سميت ڪيئي ميمبرن کي نشانو بڻايو، هٿيارن جي ڊپوءَ حماس جي سرنگهن کي به تباهه ڪيو آهي: اسرائيل

هاڻ اسرائيل جنگبندي معاهدي تي عملدرآمد ڪندو، تنهن هوندي به ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي جي صورت ۾ ڀرپور جواب ڏنو ويندو: اسرائيل جي 104 فلسطينين جي شهادت بعد اعلان ڪيو

غزا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي حڪم ڪانپوءِ اسرائيلي جهازن جي غزا شهر تي ڪيل وحشياڻي بمباري ۾ 100 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي ويا. گذريل ڏينهن نيتن ياهو اسرائيلي فوج کي غزا ۾ وڏن حملن جو حڪم ڏنو هو اسرائيلي ميڊيا موجب اهو فيصلو حماس طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي جي جواب ۾ ڪيو ويو نيتن ياهو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري دفاع سيد حسنين حيدر ڊپٽي ڪمانڊنٽ پاڪستان نيوي وار ڪاليج سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

خيبر پختونخوا مان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي نئين چونڊ لاءِ تياريون مڪمل

پولنگ صبح 9 وڳي کان شام 4 وڳي تائين ٿيندي، 3 اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا مان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي نئين چونڊ لاءِ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايران طرفان ٻطرفي واپاري حجم کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سنڌ جي گورنر سان ايران جي نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل اڪبر عيسيٰ زاده ملاقات ڪئي

ايران پاڪستان کي خطي ۾ اقتصادي ۽ ثقافتي طور تي مستحڪم ڏسڻ چاهي ٿو: قونصل جنرل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس ايڪٽ ترميمي "آرڊيننس" جاري ڪري ڇڏيو

ايڪٽ ۾ صوبي جي هارين کي زرعي آمدني تي ٽيڪس جي مد ۾ رليف فراهم ڪيو ويو

زرعي آمدني ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 15 نومبر 2025 مقرر ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي نئين حملن جي شديد مذمت

اسرائيلي جنگبندي جي خلاف ورزين کي فوري بند ڪرڻ کي يقيني بڻائي: پاڪستان

ڪارروايون عالمي قانون جي واضع خلاف ورزي سان گڏوگڏ تازو ئي طئي ٿيندڙ امن معاهدي جي پڻ خلاف ورزي آهن

1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار ۽ لاڳاپيل رياست فلسطين قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي نئين حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ عام شهري شهيد ٿيا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ تي ڳڻتي جو اظهار

اميد ڪريون ٿا ته ٻنهي پاڙيسري ملڪن وچ ۾ جنگبندي برقرار رهندي ۽ جنگ ٻيهر شروع نه ٿيندي: گڏيل قومون

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن، پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ استنبول ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

افغان طالبان افغانستان جي عوام کي غير ضروري جنگ ۾ ڌڪڻ چاهين ٿا: وفاقي وزير اطلاعات

افغان طالبان سان ڪيترائي پيرا ڳالهيون ڪيون پر افغان ڌر پاڪستان جي نقصانن کان لاتعلق رهي آهي

پاڪستان جو صبر جو پيالو ڀرجي چڪو آهي، قطر، ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي مخلصانين ڪوششن جا ٿورائتا آهيون

افغان حڪومت کي قائل ڪرڻ لاءِ مخلصانيون ڪوششون ڪيون ته هو پاڪستان خلاف دهشتگرد گروپن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري

اسان پنهنجي عوام کي دهشتگردي جي لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻنداسين: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته افغان طالبان افغانستان جي عوام کي هڪ غير ضروري جنگ ۾ ڌڪڻ چاهين ٿا، پاڪستان سدائين افغانستان جي عوام جي امن ۽ خوشحالي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. ان افغان طالبان سان ڪيترائي پيرا ڳالهيون ڪيون پر افغان ڌر پاڪستان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سيڪيورٽي فورسز جو ڪرم ۾ آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪئپٽن سميت 6 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز ڪرم جي علائقي ڊوگار ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جو 24 سالن جو ڪئپٽن نعمان سليم ۽ ٻيا 5 جوان شهيد ٿي ويا

شهيد ٿيل پاڪ فوج جي جوانن ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ شڪارپور واسي سپاهي اعجاز علي ۽ خيرپور جو محمد شهباز شامل

پشاور (م ڊ) ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪرم ۾ سيڪيورٽي فورسز ڀارتي پراکسي خارجين خلاف ڪارروائي ڪري 7 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڪئپٽن سميت پاڪ فوج جا 6

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود قومي جهنڊو جهولائيندي

سنڌ ڪابينا ڪفايت شعاري جي اصولن کي پاليسي جو بنيادي حصو بڻايو آهي: شرجيل ميمڻ

سرڪاري گاڏين جي خريداري، مرمت ۽ استعمال جي هر مرحلي ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو

سموري کاتن کي پنهنجن خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مالي نظم و ضبط تي عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو

سرڪاري گاڏين جي ذاتي يا غير مجاز مقصدن جي استعمال خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ڪفايت شعاري بابت سنڌ ڪابينا جي ذيلي ڪاميٽي جو اجلاس سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيو. اجلاس ۾ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، قانون، پارلياماني ۽ گهروکاتي واري صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار، ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، جيل خانه جات ۽ ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري، لاڳاپيل کاتن جا سيڪريٽرين ۽ اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف کاتن پاران سرڪاري گاڏين جي الاٽمينٽ ۽ استعمال بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڪاميٽي طرفان قانون، پارلياماني امور، بلديات، داخلا، اطلاعات، اينٽي ڪرپشن ۽ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز واري وزارتن لاءِ نئين گاڏين جي خريداري، ضرورت ۽ مالي اثرن تي بحث ڪيو ويو. اجلاس دوران ڳالهائيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪابينا ڪفايت شعاري جي اصولن کي پنهنجي پاليسي جو بنيادي حصو بڻايو آهي. سرڪاري گاڏين جي خريداري، مرمت ۽ استعمال جي هر مرحلي ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو. جن کاتن کي گاڏين جي سخت ضرورت آهي، انهن کي سهولت ڏني ويندي، جڏهن ته غير ضروري خرچن کان پاسو ڪرڻ اٽل آهي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعليٰ سنڌ جي هدايت مطابق سموري کاتن کي پنهنجن خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مالي نظم و ضبط تي عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو. هر کاتي جي موجوده گاڏين جي تعداد، حالت ۽ ضرورت بابت مڪمل رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن ضرورت جي بنياد تي فيصلا ڪري سگهجن. شرجيل انعام ميمڻ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سرڪاري گاڏين جي ذاتي استعمال يا غير مجاز مقصدن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. سڀني گاڏين جو ڊجيٽل ريڪارڊ تيار ڪيو وڃي ته جيئن نگراني وڌيڪ مؤثر ۽ شفاف بڻائي سگهجي.

نائين ڪلاس جي نتيجن ۾ مجموعي نمبر ۽ گريڊ جاري نه ڪرڻ جو سخت نوٽيس

صوبائي وزير اسماعيل راهو چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان تحريري وضاحت طلب ڪري ورتي

نمبر ۽ گريڊ ظاهر نه ڪرڻ شاگردن ۽ والدين ۾ پريشاني ۽ شڪ پيدا ڪري رهيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير يونيورسٽيون ۽ تعليمي بورڊ سنڌ محمد اسماعيل راهو سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ ڪراچي پاران سال 2025 جي نائين ڪلاس جي نتيجن ۾ مجموعي نمبر ۽ گريڊ جاري نه ڪرڻ جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ ٽن ڏينهن اندر چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان تحريري وضاحت طلب ڪئي آهي. يونيورسٽيز جي وزير پاران چيئرمين ڪراچي بورڊ کي موڪليل خط ۾ چيو ويو آهي ته بورڊ 23 آڪٽوبر تي نتيجن جو اعلان ڪيس پر نه ته مجموعي نمبر فراهم ڪيا ويا ۽ نه ئي مضمون وار تفصيل ۽ گريڊ ظاهر ڪيا ويا. ان جي بدران مختلف ذريعن کان صرف ڪامياب شاگردن جا رول نمبر جاري ڪيا ويا، جيڪو نتيجن جي مستند ۽ روايتي طريقي کان انحراف آهي. هن چيو ته نمبر ۽ گريڊ ظاهر نه ڪرڻ شاگردن ۽ والدين ۾ پريشاني ۽ شڪ پيدا ڪري رهيو آهي جڏهن ته شفافيت بابت سنگين خدشا پيدا ڪيا ويا آهن. محمد اسماعيل راهو ڪنٽرولر امتحانات ۽ آئي ٽي انچارج کي هدايت ڪئي ته ٽن ڏينهن اندر نتيجن جي اعلان ۾ طريقيڪار کان انحراف جا سمورا سبب ۽ حقيقتون لکت ۾ پيش ڪن ته جيئن ذميواري جو تعين ڪري سگهجي.

ايجوڪيشن سٽي کي 10 هزار ايڪڙ وڌيڪ زمين ڏيڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ زميندارن جو مظاهرو

سوين ڳوٺاڻن ۽ زميندارن ضياءُ الدين يونيورسٽي آڏو ڏرڙو هٽڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

اسان کي ايجوڪيشن سٽي نه پر زراعت سٽي جي ضرورت آهي، حڪومت فيصلي تي نظرثاني ڪري: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايجوڪيشن سٽي کي 10 هزار ايڪڙ وڌيڪ زمين ڏيڻ خلاف سوين ڳوٺاڻن ۽ زميندارن لنڪ روڊ تي احتجاجي ريلي ڪڍي ضياءُ الدين يونيورسٽي آڏو ڏرڙو هٽڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. مظاهري جي اڳواڻي سليم سالار جوکيو، مجاهد جوکيو، عبدالرزاق سالار، نور حسن جوکيو، وائيس چيئرمين يو سي گهگهر ستار خليفو جوکيو، ڪائونسلر حسين بخش جوکيو، سليم جوکيو ڪري رهيا هئا. مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پليڪارڊ هئا جن تي ايجوڪيشن سٽي خلاف نعرا درج هئا. مظاهري کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ايجوڪيشن سٽي واري آهي 1 سئو کان وڌيڪ ڳوٺ، باغ، زرعي زمينون کسڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي اڳ به 9 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ايجوڪيشن سٽي کي ڏني وئي هاڻي وري 10 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ڏيڻ سراسر زيادتي آهي. ڪراچي ۾ سنڌين جي شناخت ختم ڪرڻ لاءِ اهڙا قدم کنيا پيا وڃن. اڳواڻن چيو ته صدين کان ڳوٺ قائم آهن. ڳوٺن سميت گذر معاش جا زرعي وسيلا کسيا پيا وڃن اسان کي ايجوڪيشن سٽي نه پر زراعت سٽي جي ضرورت آهي سنڌ حڪومت فيصلي تي نظرثاني ڪري ٻي صورت ۾ تحريڪ تيز ڪنداسين، اڳواڻن چيو ته ايجوڪيشن سٽي جي نالي سان اسان جي معاشي قتل سان گڏ انساني حقن جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي جيڪا ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي، فوري طور تي فيصلو واپس ورتو وڃي، مرنداسين زمين ڪنهن به صورت نه ڏينداسين. اڳواڻن چيو ته اسانجي مليرجا چونڊيل نمائندا هيڏي وڏي زيادتي تي خاموش آهن اسان جا نمائندا عوام کان ووٽ وٺي وڃن ٿا پر عوام جي سار نه ٿا لهن. اخلاقن انهن کي استعيفا ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي عوام سان ٿيندڙ ظلم خلاف اسان سان گڏ بيهڻ گهرجي مگر انهن کي اقتدار جي لالچ آ، اسان زمينون بچائڻ لاءِ قانوني ۽ احتجاجي رستو اختيار ڪيو آهي، هي جدوجهد ڏينهون ڏينهن تيز ڪئي ويندي.

ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ، ڪرپشن ۾ قانون جو نفاذ آهي: سعديه جاويد

ايم ڪيو ايم اڳواڻ عوام کي قانون نه ٽوڙڻ پر ان جي پاسداري ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي

پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي بيان تي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو ردعمل چيو آهي ته ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ ڪرپشن ناهي اهي قانون جو نفاذ آهن. قانون سڀني لاءِ برابر آهي ڪا به سياسي پارٽي مستثنيٰ ناهي ايم ڪيو ايم اڳواڻ عوام کي قانون نه ٽوڙڻ پر ان جي پاسداري ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي. سعديه جاويد چيو ته روڊن تي نظم و ضبط برقرار رکڻ سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي ايم ڪيو ايم اڳواڻن جو بيان بيوقوفي ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي پيپلز پارٽي جي حڪومت قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿي، ڪرپشن تي نه ٽريفڪ پوليس قانون موجب پنهنجا فرض ادا ڪري رهي آهي. سعديه جاويد چيو ته شهرين جي حفاظت ۽ نظم و ضبط برقرار رکڻ لاءِ جرمانو ضروري آهن سياسي پوائنٽ اسڪورنگ بدران عوامي شعور اجاگر ڪيو وڃي، سنڌ حڪومت ادارن کي مضبوط ڪري رهي آهي ۽ قانون لاڳو ڪندڙن جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي.

ڪراچي ۾ اي ٽڪيٽنگ سسٽم ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي گاڏي جو به چالان ڪاٽي ڇڏيو

ليارِي ايڪسپريس وي تي گارڊن انٽرچينج تان لهڻ دوران گاڏي جو چالان جاري ڪيو ويو

ڊي آءِ جي ٽريفڪ گاڏي ۾ نه هو، ڊرائيور سيٽ بيلٽ بنا گاڏي هلائي رهيو هو، ڏهه هزار جو چالان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ تازو لاڳو ڪيل جديد فيس ليس اي-ٽڪيٽنگ سسٽم ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه جي گاڏي لاءِ چالان ٽڪيٽ پڻ جاري ڪئي. ليارِي ايڪسپريس وي تي گارڊن انٽرچينج تان لهڻ دوران ڊي آءِ جي ٽريفڪ پوليس جي گاڏي جو چالان جاري ڪيو ويو ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي گاڏي سندس ڊرائيور هلائي رهيو هو جڏهن ته ڊي آءِ جي ٽريفڪ گاڏي ۾ نه هو ۽ سندس اسڪواڊ گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪيس وٺڻ لاءِ اچي رهيو هو سيٽ بيلٽ نه پائڻ جي خلاف ورزي تي چالان ڊرائيور تي 10,000هزار رپيا جرمانو ڪيو ويو ٽريفڪ پوليس جي ترجمان موجب ڪو به قانون کان مٿانهون ناهي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بي قاعدي ڪارروائي ڪئي ويندي، ٽريفڪ پوليس شهرين کي اپيل ڪري ٿي ته پنهنجي ۽ ٻين جي حفاظت لاءِ ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪن ۽ هميشه سيٽ بيلٽ استعمال ڪن.

ڪراچي ۾ شهري کان ڦر دوران پوليس پهچي وئي، مقابلو، هڪ ڦورو مارجي ويو

ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 4 ڄڻن بينڪ مان پئسا ڪڍندڙ شهري کان ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

موقعي تي پهتل پوليس اهلڪارن جوابدارن جو پيڇو ڪيو، فائرنگ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، هڪ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي ۾ موٽرسائيڪلن تي سوار هٿياربند ڦورن شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس پهچي وئي پوليس اهلڪارن پاران پيڇو ڪرڻ تي فرار ٿيندڙ ڦورن پوليس تي فائرنگ ڪئي جنهن کان پوءِ پوليس جوابي ڪارروائي ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن ته ساٿي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ويڊيو ۾ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چار جوابدارن بينڪ مان پئسا ڪڍندڙ شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ٻه جوابدار فرار ٿي ويا آهن ۽ انهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ۽ مقامي نمائندن کي بااختيار بڻائڻ جو عزم

صوبائي صدر نثار کهڙو جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف تنظيمي فيصلا ڪيا ويا

اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شموليت شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي يقيني بڻائي وڃي: هدايت

ڪراچي(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو هڪ اهم تنظيمي اجلاس ٿي گذريو اجلاس جي صدارت پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو ڪئي اجلاس ۾ جنرل سيڪريٽري پ پ سنڌ سينيٽر وقار مهدي، صدر پ پ ڪراچي ڊويزن سعيد غني، جنرل سيڪريٽري پ پ ڪراچي ڊويزن رئوف ناگوري ۽ انفارميشن سيڪريٽري پ پ ڪراچي ڊويزن ڊاڪٽر شرميلا فاروقي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلعي اوڀر، ضلعي ڪورنگي ۽ ضلعي ڪياماڙي جي صدرن جنرل سيڪريٽرين ۽ انفارميشن سيڪريٽرين به شرڪت ڪئي انهن ۾ ضلعي اوڀر جو صدر اقبال ساند، ضلعي ڪياماڙي جو صدر لياقت آسڪاڻي ۽ ضلعي ڪورنگي جو صدر جاني ميمڻ شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ٽنهي ضلعن جي تنظيمي ڍانچي تي تفصيلي غور ڪيو ويو ۽ يونين ڪائونسل سطح تائين تنظيم سازي جي منصوبن تي صلاح مشورا ڪيا ويا. قيادت زور ڏنو ته تنظيم کي هيٺين سطحن تائين وڌيڪ موثر بڻايو وڃي، باهمي رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي، موجوده خامين جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ ڪارڪنن جي شموليت شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي يقيني بڻائي وڃي قيادت پاڪستان پيپلز پارٽي جي نظريي ۽ بنيادي اصولن سان پنهنجي وابستگي جو ٻيهر اظهار ڪيو جن جي بنياد سماجي انصاف، جمهوريت ۾ شموليت ۽ محروم طبقن جي بااختياري تي آهي اهو فيصلو ڪيو ويو ته پارٽي پنهنجي گراس روٽ سطح تي موجودگي کي وڌيڪ مضبوط ڪندي، مقامي برادرين سان لاڳاپا وڌائيندي ۽ عوامي خدمت کي يقيني بڻائيندي اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو.

وفاقي حڪومت سوئي گئس جي ڪنيڪشن تي لڳل پابندي ختم ڪري عوام دوست فيصلو ڪيو آهي: لاڙڪاڻي جا عملدار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سوئي سدرن گئس ڪمپني جي عملدار سلمان صديقي کاتي جي آفيسرن شاهد شيخ، رميش ڪمار، فقير غلام علي، محمد امين ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان سال 2021ع کان وٺي سوئي گئس جي نئون ڪنيڪشن تي لڳل پابندي ختم ڪري عوام دوست فيصلو ڪيو آهي. جنهن سان لاڙڪاڻي سميت سڄي ملڪ جو عوام فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته سوئي سدرن گئس ڪمپني پاران سنڌ جي هر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ۾ نئون ڪنيڪشن حاصل ڪندڙ صارفين لاءِ خاص عملو مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو نئون ڪنيڪشن حاصل ڪرڻ لاءِ آيل صارف کي گهربل ڪاغذن بابت آگاهي ڏيندو جنهن سان اهو شهري آساني سان گئس جو نئون ڪنيڪشن حاصل ڪري سگهندو.

اتر ڪوريا پاران سمنڊ کان زمين تي مار ڪندڙ اسٽريٽجڪ ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا سمنڊ کان زمين تي مار ڪندڙ اسٽريٽجڪ ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي پرڏيهي خبرو اداري مطابق اهو تجربو ٻيٽ نما ڪوريا جي اولهندي سامونڊي علائقي ۾ ڪيو ويو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو ميزائل هڪ سامونڊي جهاز تان عمودي انداز ۾ فائر ڪيو ويو ۽ 7,800 سيڪنڊن تائين پنهنجي مقرر رستي تي اڏام ڪندي هدف کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو. پرڏيهي ميڊيا مطابق ميزائل سسٽم کي سامونڊي جهاز تان لانچ ڪرڻ لاءِ جديد گهرجن مطابق بهتر بڻايو ويو آهي تجربي جي تاريخ، هدف جا تفصيل يا فوجي اختيارين جي بيانن بابت ڪي به وڌيڪ تفصيل جاري ناهن ڪيا.

لاڙڪاڻو: رائيس ڪئنال ۾ وهنجندي چوٿين ڪلاس جو شاگرد ٻڏي ويو، ڳولا جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد ميروخان رسول آباد پرسان پيادل پل رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران ميروخان ميروخان چوڪ واري علائقي جو رهواسي چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندڙ 10 سالن جو ٽينگر حسن پٽ منظور بروهي ٻڏي ويو اطلاع تي ريسڪيو1122 جي ٽيم ۽ ڪوبن پهچي ٽينگر جي ڳولا ڪئي پر ان جي باوجود ٽينگر جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سندس گهر پاتين ۾ سخت پريشاني واري لهر ڇانيل آهي. ان حوالي سان ٻڏي ويل ٽينگر جي وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جو ٽينگر ٻارڙي جي ٻين ٻارن سان گڏجي رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ لاءِ ويو جتي هو ٻڏي ويو آهي. ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل ٽينگر جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو هو.

افغانستان ۽ قازقستان جي ڪمپنين وچ ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ معاهدن تي صحيحون

آستانا (اي پي پي) افغانستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ بابت ڪيترن ئي مفاهمتي ياداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون ويون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق افغانستان جي صنعت ۽ واپار واري وزارت ٻڌايو ته اهي معاهدا ٻنهي ملڪن جي 15 ڪمپنين وچ ۾ قازقستان جي شهر شمڪينت ۾ طئي ٿيا جنهن جي ماليت 36 ڪروڙ آمريڪي ڊالر آهي انهن معاهدن جو مقصد تيل خوراڪ، ٽرانسپورٽ ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ آهي.

ڪراچي ۾ ڊپٽي ميئر سان جماعت اسلامي جي وفد جي ملاقات، شهري مسئلن، بلدياتي خدمتن بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سان بلديه عظميٰ ڪراچي جي ڪائونسل ۾ اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي جي هڪ وفد پنهنجي آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران شهري مسئلن بلدياتي خدمتن ۽ ايندڙ اجلاس جي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. هن موقعي تي سٽي ڪائونسل جي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي، ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان، جماعت اسلامي جا يو سي چيئرمين نعمان احمد ۽ شاهد فرمان پڻ موجود هئا. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد وفد سان ڳالهائيندي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي. شهر جي سڀني علائقن ۾ روڊن جي مرمت ۽ ٻين بلدياتي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

وڏي وزير پاران سي ايس ايس ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوار کي فارن سروس ۾ شموليت تي واڌايون

اکين کان محروم سي ايس ايس ڪامياب اميدوار ارل حسين وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي

خاص ماڻهن جون وڌنڊڙ ڪاميابيون سنڌ حڪومت جي فلاحي ڪوششن جو نتيجو آهن: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 27 ورهين جي اکين کان محروم سي ايس ايس ڪامياب اميدوار ارل حسين سان اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ کيس پاڪستان جي فارن سروس ۾ شموليت تي دل جي گهراين سان واڌايون ڏنيون ارل حسين سي ايس ايس جو امتحان 2024ع جي بيچ ۾ ڪاميابي سان پاس ڪيو ۽ کيس سندس پهرين ترجيح مطابق فارن سروس آف پاڪستان لاءِ چونڊيو ويو هن موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته ارل حسين جي ڪاميابي ثابت ڪري ٿي ته همت، محنت ۽ پڪي پهه اڳيان ڪا به جسماني معذوري رڪاوٽ نٿي بڻجي سگهي سيد مراد علي شاهه نوجوان آفيسر کي ڀاڪر پائيندي چيو ته توهان اسان سڀني جو نالو فخر سان مٿي ڪيو آهي ارل حسين پنهنجي تعليمي سفر بابت ٻڌايو ته هن خاص ٻارن جي اسڪول مان شروعاتي تعليم حاصل ڪئي بعد ۾ سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۽ ڪراچي يونيورسٽي مان تعليم مڪمل ڪئي وڏي وزير پيپلز بس سروس جي پڻ ساراهه ڪئي جنهن بابت ارل حسين ٻڌايو ته هو پيپلز بس سروس کي باقاعدي استعمال ڪري ٿو ۽ ان کي تمام ڪارائتو سمجهي ٿو هن وڏي وزير کي عرض ڪيو ته بس سروس ۾ ڊيجيٽل يا وائيس اسسٽڊ سسٽم شامل ڪيو وڃي ته جيئن بصارت کان محروم ماڻهو آسان بسن کي سڃاڻي سگهن ارل حسين وڌيڪ چيو ته سي ايس ايس امتحان دوران بصارت کان محروم اميدوارن کي اضافي وقت ڏنو ويندو آهي جنهن سبب هو وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪارڪردگي ڏيکاري سگهيا. ملاقات ۾ وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز (ڊي اي پي ڊي) جو سيڪريٽري طه فاروقي، نيٽورڪ آف آرگنائيزيشن ورڪنگ وٿ ڊيسبلٽيز (NOWPDP)جو امين هاشوائي، مصطفيٰ غازي ۽ اقرا نگي پڻ موجود هئا. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ خاص ماڻهن جون وڌنڊڙ ڪاميابيون سنڌ حڪومت جي فلاحي ڪوششن جو نتيجو آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد هڪ جامع ۽ بااختيار سماج جوڙڻ آهي جتي خاص ماڻهن کي اعليٰ تعليم ۽ روزگار جا موقعا ملي سگهن مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت انڪليوزو سٽي ۽ ٻين ادارن سان گڏجي خاص ٻارن جي تعليم ۽ بااختياري لاءِ ڪم جاري رکندي هن سول سوسائٽي ۽ نجي شعبي کي اپيل ڪئي ته اهي پڻ خاص ماڻهن جي ترقي ۽ بااختياري لاءِ حڪومت سان گڏجي قدم وڌائين.

ڪراچي: جهنگ ۾ باهه لڳڻ سبب هڪ ڄڻو ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٻه زخمي

يونيورسٽي ڀرسان گلشن نور ويجهو جهنگ ۾ باهه لڳي جنهن ۾ ٻوٽن تيزي سان پکڙجي وئي

ساهه ٻوساٽجڻ سبب 52 سالن جو رفيق ولد محمد شريف فوت ٿي ويو ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي ڀرسان واقع گلشن نور جي ويجهو جهنگ ۾ باهه لڳي وئي ۽ سڪل ٻوٽن جي ڪري اها تيزي سان پکڙجي وئي باهه ايتري تيز هئي جو ان جا شعلا ڪيترائي فوٽ اچا ۽ پري کان نظر اچي رهيا هئا، جڏهن ته جهنگلن جي ويجهو جهوپڙيون به ڦهليل هيون ريسڪيو 1122 جي رضاڪارن هنگامي قدم کنيا ۽ جهوپڙين سان آبادي کي ڪيئن کي يقيني بڻايو جڏهن ته 8 فائر برگيڊ گاڏين باهه وسائڻ لاءِ قدم کنيا. هوا جي ڪري باهه ڪراچي يونيورسٽي جي اسٽاف ڪالوني ۾ پکڙجي وئي، جنهن سبب ڪجهه گهر به متاثر ٿيا، جڏهن ته ان جا شعلا ويجهي قبرستان تائين به پهچي ويا. ريسڪيو عملدارن موجب باهه لڳڻ سبب هڪ شخص ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي رسمي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوتي جي سڃاڻپ 52 سالن جي رفيق ولد محمد شريف جي نالي طور ٿي آهي ان کان علاوه دونهين جي سبب ٻن ماڻهن کي حالت خراب ٿي وئي جن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فائر برگيڊ عملدارن ٽن ڪلاڪن جي جدوجهد کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو.

ڪراچي ڦش هاربر تي مهاڻن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: محمد علي ملڪاڻي

شڪار کان وٺي مڇي مارڪيٽ تائين درپيش مسئلن کي ايف سي ايس سان گڏجي حل ڪنداسين

مهاڻن کي هر اها سهولت ڏينداسين جنهن سان هو معاشي گذر سفر جاري رکي سگهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڦش هاربر تي ماهيگيرن سان پيش ايندڙ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو شڪار کان وٺي مڇي مارڪيٽ تائين درپيش مسئلن کي اسان ايف سي ايس سان ويهي گڏيل طور آئيني ۽ قانوني موجب فيصلا ڪري سندن ڏکيايون ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين اهڙو اظهار لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرمين فاطمه مجيد سان هڪ اعليٰ سطحي ميٽنگ ۾ ڪيو ان موقعي تي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ايم ڊي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي زاهد ڪيميٽيو ۽ ايف سي ايس ۽ هاربر اٿارٽي جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اڙ موقعي تي چيئرمين فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي فاطمه مجيد چيو ته اوگاڙي جي مد ۾ رعايت ڏني وڃي جنهن تي منسٽر محمد علي ملڪاڻي چيو ته اهڙي رعايت لاءِ ٻهه اوهان ڪراچي ڦش هاربر اٿارٽي جي بورڊ ۾ اهو مسئلو آڻيو جنهن تي ڊسڪس ڪري بورڊ جي ٿيندڙ قانون موجب اڙ رعايت کي مدنظر رکيو ويندو ان ڪري اڙ معاملي جي جاچ ڪئي ويندي ۽ جلد اڙ مسئلي کي حل ڪيو ويندو ته جيئن ماهيگير پاڻ کي پنهنجي شڪار ڪيل مڇي مارڪيٽ ۾ آڻڻ بابت جيڪي تڪليفون آهن

بقايا 1 — فون

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي الجزائر جي پرڏيهي وزير احمد عطاف ڪالهه اربع ڏينهن ٽيليفون ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ۾ ٻطرفي تعاون جي مثبت انداز تي اطمينان جو اظهار ڪندي پاڪستان - الجزائر لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل قومن سميت گهڻ رخي فورمز تي تعاون وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 2 — بمباري

جي حڪم ڪانپوءِ اسرائيلي جهازن غزا شهر تي ٻيهر فضائي حملا شروع ڪري ڇڏيا. پرڏيهي ميڊيا موجب اسرائيلي فوج غزا شهر ۾ مختلف هنڌن تي حملا ڪيا، هڪ ميڊيڪل الشفا اسپتال جي پويان ڪريو غزا جي صحت واري وزارت موجب گذريل رات کان جاري حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 104 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ 46 ٻار شامل آهن جڏهن ته 253 ماڻهو زخمي ٿيا آهن غزه جي صحت کاتي جي عملدارن موجب اسرائيل جي بمباري ۾ ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد ٿي ويا، جن ۾ ٻارن جو تعداد 46 ۽ عورتن جو انگ 20 آهي ان حوالي سان هڪ ويڊيو ۾ اسپتال اندر ڪيئي عورتن ۽ ٻارن جا لاش ڏيکاريا ويا آهن اسرائيلي فوج دعويٰ ڪئي آهي ته حماس جي ڪمانڊر سميت ڪيئي ميمبرن کي نشانو بڻايو ان سان گڏ هٿيارن جي ڊپو ۽ حماس جي سرنگهن کي به تباهه ڪيو آهي. واضح رهي ته اسرائيل جي 7 آڪٽوبر 2023ع کان وٺي غزه تي شروع ڪيل وحشيانه بمباري ۾ هينئر تائين 69 هزار فلسطيني شهيد ٿيا ۽ لکين جي تعداد ۾ شهري زخمي ۽ بي گهر ٿي ويا آهن ٻئي طرف اسرائيل 104 معصوم فلسطينين جي شهادت بعد اعلان ڪيو آهي ته هاڻ اسرائيل جنگبندي معاهدي تي عملدرآمد ڪندي تنهن هوندي به ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي جي صورت ۾ ڀرپور جواب ڏنو ويندو اسرائيل حماس تي معاهدي جي خلاف ورزي جو الزام هڻندي بمباري شروع ڪئي هئي ۽ وڌيڪ چيو هو ته اسرائيلي فوجي اهلڪار کي فلسطينين قتل ڪيو آهي.

بقايا 3 — پاڪستان

۾ چيو ته اهي ڪارروايون عالمي قانون جي واضح خلاف ورزي سان گڏوگڏ ڏاڍو ٿي طئي ٿيندڙ امن معاهدي جي پڻ خلاف ورزي آهن بيان موجب اسرائيلي قابض فوج جي اهڙي طرح جي جارحاڻي قدمن سان خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ جي عالمي ڪوششن کي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي بيان ۾ پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته اها اسرائيلي قابض فوج پاران جنگبندي جي خلاف ورزين کي فوري بند ڪرڻ کي يقيني بڻائي ترجمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار قابل عمل ۽ لاڳاپيل رياست فلسطين قائم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪري ٿو جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي.

بقايا 4 — اظهار

ٿيل ڳالهين جي ناڪام ٿيڻ تي پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن ڊوجارڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳالهين ۾ تعطل يقيني ڳڻتي جو سبب آهي هن چيو ته اسان اميد ڪريون ٿا ته ٻنهي پاڙيسري ملڪن وچ ۾ جنگبندي برقرار رهندي ۽ جنگ ٻيهر شروع نه ٿيندي.

بقايا 5 — وفاقي وزير اطلاعات

جي نقصانن کان لاتعلق رهي آهي ڇهن سالن جي ڏکي عرصي ۾ انساني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي پاڪستان جو صبر جو پيالو ڀرجي چڪو آهي، پاڪستان قطر ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي مخلصاڻين ڪوششن جو ٿورائتو آهي پاڪستان جي عوام جي سلامتي قومي ترجيح آهي. پاڪستان جي حڪومت دهشتگردي جي خلاف هر ممڪن قدم کڻندي، دهشتگردن انهن جي ٺڪاڻن ۽ سهولتڪارن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ۾ آندا ويندا. اربع ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ آڪٽوبر 2025ع ۾ استنبول ۾ پاڪستان-افغانستان ڳالهين بابت آگاهي ڏيندي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته ڪابل ۾ اقتدار سنڀالڻ ڪانپوءِ پاڪستان ڪيترائي ڀيرا افغان طالبان حڪومت سان ڀارتي حمايت يافته فتنہ الخوارج (ٽي ٽي پي) ۽ ڀارتي پراکسي فتنہ الهندوستان (بي ايل اي) طرفان مسلسل سرحد پار دهشتگردي جي مسئلي تي ڳالهيون ڪيون افغان طالبان حڪومت کي بار بار ياد ڏياريو ويو ته هو دوحا معاهدي تحت پاڪستان ۽ عالمي برادري سان ڪيل پنهنجي لکت وارن واعدن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي تنهن هوندي به پاڪستان جون مخلصاڻيون ۽ مسلسل ڪوششون ان لاءِ ڪامياب ثابت نه ٿي سگهيون جو افغان طالبان حڪومت مسلسل پاڪستان مخالف دهشتگرد عنصرن جي مدد ڪندي رهي آهي جيئن ته طالبان حڪومت افغان عوام جي حوالي سان ڪنهن به ذميواري جو مظاهرو نٿي ڪري ۽ جنگي معيشت تي پاڙي ٿي ان لاءِ هو افغان عوام کي هڪ غير ضروري جنگ ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان سدائين افغانستان جي عوام جي امن ۽ خوشحالي جو خواهشمند رهيو آهي ان لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن انهيءَ جذبي تحت پاڪستان افغان طالبان حڪومت سان ڳالهين جا ڪيترائي دور ڪيا، پر افسوس ته اهي سدائين پاڪستان جي نقصانن کان لاتعلق رهيا. هن چيو ته بدقسمتي سان چئن سالن جي ڏکي عرصي ۾ انساني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان جو صبر جو پيالو هاڻي ڀرجي چڪو آهي هن چيو ته امن کي هڪ ٻيو موقعو ڏيڻ لاءِ پاڪستان قطر ترڪي جي پاڻ ملڪن جي درخواست تي افغان طالبان حڪومت سان ڳالهيون ڪيون اهي ڳالهيون پهرين دوحا، قطر ۽ بعد ۾ استنبول ترڪي ۾ منعقد ٿيون انهن ڳالهين جي واحد ايجنڊا اها هئي ته افغان طالبان حڪومت اهڙا عملي قدم کڻي جنهن سان افغان سرزمين کي دهشتگرد تنظيمن جي تربيتي ۽ لاجسٽڪ سرگرمين ۽ پاڪستان خلاف دهشتگرد حملن جي اڏي طور استعمال ٿيڻ کان روڪي سگهجي هن چيو ته پاڪستان قطر ۽ ترڪي جو ٿورائتو آهي جنهن اهي ڳالهيون منعقد ڪرڻ ۾ سهولت فراهم ڪئي ۽ افغان طالبان حڪومت کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ لاءِ مخلصاڻيون ڪوششون ڪيون ته هو پاڪستان خلاف دهشتگرد گروپن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري گذريل چئن ڏينهن جي ڳالهين دوران افغان طالبان وفد ڪيترائي ڀيرا پاڪستان جي ان منطقي ۽ جائز مطالبي سان اتفاق ڪيو ته دهشتگردن خلاف قابل اعتماد ۽ فيصلائتي ڪارروائي ڪئي وڃي پاڪستان پاران پيش ڪيل تمام گهڻي ۽ ناقابل ترديد ثبوتن کي افغان طالبان ۽ ميزبان ملڪن قبول پڻ ڪيو پر افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته افغان ڌر طرفان ڪنهن به قسم جي خاطري نه ڪرائي وئي افغان وفد مسلسل بنيادي مسئلي کان ڪن لاتار ڪندو رهيو ۽ ان مکيه نقطي کان پاسو ڪندو رهيو جنهن جي بنياد تي ڳالهيون شروع ڪيون ويون هيون پنهنجي ذميواري مڃڻ بدران افغان طالبان الزام تراشي، ٽال مٽول ۽ بهانا بڻائيندا رهيا. نتيجي ۾ ڳالهيون ڪنهن به قابل عمل حل تي نه پهچي سگهيون. پاڪستان دهشتگردي جي مسئلي جي پرامن حل، ٻنهي ملڪن ۽ مجموعي طور تي خطي جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ مخلصاڻين ڪوششن ۽ تعاون تي قطر ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي حڪومتن جو دل سان ٿورو ادا ڪري ٿو. پنهنجي شهرين جي سلامتي پاڪستان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي اسان پنهنجي عوام کي دهشتگردي جي لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻنداسين ۽ انهن کي يقين ڏياريون ٿا ته پاڪستان جي حڪومت دهشتگردن، انهن جي ٺڪاڻن، انهن جي سرپرستن ۽ مددگارن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ ضروري وسيلا ڪتب آڻيندي.

بقايا 6 — شهيد

جوان شهيد ٿي ويا، سيڪيورٽي فورسز ڪرم جي علائقي دورگار ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جو 24 سالن جو ڪيپٽن نعمان سليم ۽ ٻيا 5 جوان شهيد ٿي ويا. ڪيپٽن نعمان سليم جو تعلق پنجاب جي ضلعي مياڻوالي سان هو ۽ هو پاڪ فوج ۾ ميڊيڪل آفيسر هو ٻين شهيدن ۾ صوابي سان تعلق رکندڙ 39 سالن جو حوالدار امجد علي، راولپنڊي سان تعلق رکندڙ 36 سالن جو نائيڪ وقاص، سنڌ جي ضلعي شڪارپور سان تعلق رکندڙ 23 سالن جو سپاهي اعجاز علي، جهلم سان تعلق رکندڙ 23 سالن جو محمد وليد ۽ ضلعي خيبر سان تعلق رکندڙ 32 سالن جو سپاهي محمد شهباز شامل آهن

بقايا 7 — جاري

خان ٽيسوري "سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس ايڪٽ 2025 (ترميمي) آرڊيننس" جاري ڪيو آهي، جنهن تحت صوبي جي هارين کي زرعي آمدني تي ٽيڪس جي مد ۾ رليف فراهم ڪيو ويو آهي ترميمي آرڊيننس موجب، زرعي آمدني ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 15 نومبر 2025 مقرر ڪئي وئي آهي. سنڌ جي گورنر اميد ظاهر ڪئي ته هي قدم صوبي ۾ زرعي ترقي کي فروغ ڏيندو ۽ آبادگار برادري کي حقيقي مالي مدد فراهم ڪندو.

بقايا 8 — اتفاق

خان ٽيسوري سان ايران جي نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل اکبر عيسيٰ زاده گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ انهن ٻطرفي لاڳاپن، سيڙپڪاري، واپار جي فروغ سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ۽ پاڪ ايران ٻطرفي واپاري حجم کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. گورنر سنڌ نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو گورنر سنڌ چيو ته ٻطرفي سفارتڪاري ذريعي پاڪ ايران لاڳاپا هڪ نئين رخ ۾ داخل ٿي ويا آهن قونصل جنرل چيو ته ايران پاڪستان کي خطي ۾ اقتصادي ۽ دفاعي طور تي مستحڪم ڏسڻ چاهي ٿو قونصل جنرل گورنر جي اينيشيٽيو تحت نصب ڪيل "اميد جي گهنٽي" کي ماڻهن تائين پهچڻ لاءِ هڪ منفرد ۽ قابل تعريف قدم قرار ڏنو قونصل جنرل قائداعظم محمد علي جناح جي تاريخي آفيس جو دورو ڪيو ۽ قائد جي سامان جي تحفظ جي تعريف ڪئي قونصل جنرل گورنر هائوس ۾ وڪٽري مهم جي حصي طور هڪ ٻوٽو لڳايو ۽ مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا.

بقايا 9 — تياريون مڪمل

پولنگ صبح 9 وڳي کان شام 4 وڳي تائين ٿيندي، 3 اميدوارن ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. اليڪشن ڪميشن خيبر پختونخوا جي ترجمان مطابق تاج محمد آفريدي، خرم ذيشان ۽ عرفان سليم ۾ مقابلو ٿيندو 2 اميدوار عابد خان يوسفزئي ۽ نثار خان ريٽائر ٿي ويا. خيبر پختونخوا سان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي ٿيندڙ چونڊ لاءِ پولنگ (اڄ) خميس 30 آڪٽوبر 2025ع تي منعقد ٿيندي. پولنگ خيبر پختونخوا جي صوبائي اسيمبلي جي عمارت ۾ ٿيندي، اها سيٽ شبلي فراز جي نااهلي سبب خالي ٿي هئي. ڪي پي ڪي جي اليڪشن ڪمشنر سعيد گل کي ريٽرننگ آفيسر جڏهن ته جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر محمد فريد آفريدي، ڊائريڪٽر اليڪشنز محمد نديم خان، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن ظهير احمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر ميڊيا ڪوآرڊينيشن سهيل احمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر اليڪشنز فهد علي شاهه ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لا محمد امجد کي پولنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 — وزير دفاع

يا خودڪش حملي کي برداشت نه ڪندو ۽ ڪنهن به مهم جوئي جو جواب سخت هوندو. گذريل ڏينهن استنبول ڳالهين بنا نتيجي ختم ٿيڻ تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته افغان طالبان رجيم مسلسل برادر ملڪن سان ڳالهين لاءِ درخواست ڪري رهي هئي برادر ملڪن جي درخواست تي پاڪستان افغان طالبان رجيم سان امن خاطر ڳالهين جي آڇ قبول ڪئي دفاع واري وفاقي وزير چيو ته ڪجهه افغان عملدارن جا زهريلا بيان ظاهر ڪن ٿا ته طالبان رجيم ۾ انتشار ۽ دوکو موجود آهي پاڪستان اهو واضح ڪري ٿو ته طالبان رجيم کي ختم ڪرڻ يا کين غارن ۾ لڪڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي پنهنجي پوري طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت ناهي جيڪڏهن ضرورت پئي ته اسان کين تورا بورا جهڙين هنڌن تي شڪست ڏئي ماڻهن لاءِ مثال بڻائي سگهون ٿا جيڪو سڄي دنيا لاءِ دلچسپ منظر هوندو هن چيو ته افسوس ٿئي ٿو ته طالبان رجيم صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت کي بچائڻ لاءِ افغانستان کي هڪ ڀيرو تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پنهنجي ڪمزوري ۽ جنگي دعوت جي حقيقت ڄاڻيندي جنگ جو ٺپل وڄائي ظاهري طور افغان عوام ۾ پنهنجي بگڙيل ساک کي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن افغان طالبان پوءِ به ٻيهر افغانستان ۽ ان جي معصوم عوام کي تباهه ڪرڻ تي ضد ڪري ويٺل آهن ته پوءِ جيڪو ٿيڻو آهي سو ٿيندو. هن چيو ته جيستائين گريويارڊ آف ايمپائرز جي بيانيي جو تعلق آهي پاڪستان پاڻ کي هرگز ايمپائر نٿو چوي، حقيقت اها آهي ته افغانستان طالبان جي ڪري پنهنجي ماڻهن لاءِ هڪ قبرستان کان گهٽ ناهي، تاريخي اعتبار کان افغانستان سلطنتن جو قبرستان نه رهيو آهي پر هميشه وڏين طاقتن جي راند جو ميدان ضرور رهيو آهي. دفاع واري وزير چيو ته طالبان جا اهي وڏهاڪ جيڪي خطي ۾ بدامني پکيڙڻ ۾ پنهنجو ذاتي فائدو ڏسي رهيا آهن سمجهي وٺن ته هنن شايد پاڪستاني عزم ۽ حوصلي کي غلط انداز ۾ ورتو آهي. جيڪڏهن طالبان رجيم وڙهڻ جي ڪوشش ڪندي ته دنيا ڏسندي ته انهن جون ڌمڪيون صرف ڏيکاءُ هيون هن چيو ته پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن به دهشتگرداڻي يا خودڪش حملن کي برداشت نه ڪندو ۽ ڪنهن به مهم جوئي جو جواب سخت هوندو طالبان رجيم کي گهرجي ته پنهنجي انجام جو حساب ضرور ڏسي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي عزم ۽ صلاحيتن کي آزمائڻ سندن لاءِ مهانگو ثابت ٿيندو.

بقايا 11 — ڳالهيون

ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪ ايران لاڳاپن، ٻطرفي تعاون ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گهرو وزارت جي ترجمان موجب گهرو وزير، وزيراعظم محمد شهباز شريف طرفان ايراني صدر لاءِ نيڪ خواهشن ۽ خير سگالي جو پيغام پهچايو ان موقعي تي گهرو وزير محسن نقوي پاڪ افغان بارڊر جي موجوده صورتحال ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن تي تفصيلي بريفنگ ڏني ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان پاڪ افغان ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ پاڻ جو ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ڪندي چيو ته ايران پاڪستان سان لاڳاپن کي خاص اهميت ڏئي ٿو هن چيو ته ايران پنهنجي پاڙي ملڪ پاڪستان جي تعاون کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي صدر مسعود پزشڪيان ٻطرفي لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته ايران ۽ پاڪستان وٽ تعاون کي هٿي ڏيڻ جا بي پناهه موقعا موجود آهن جن سان ٻنهي ملڪن جي عوام کي فائدو پهچي سگهي ٿو وفاقي وزير محسن نقوي چيو ته ايران ۽ پاڪستان علائقائي امن ۽ استحڪام جا حصيدار آهن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجهو تعاون خطي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اهم آهي ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ گڏيل اعتماد ۽ دوستي جي رشتن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو.

بقايا 12 — ضياء لنجار

رجسٽريشن هوندي، صوبائي گهرو وزير ضياء لنجار چيو ته ڪراچي ۾ جتي ٽريفڪ سگنل هوندو ته اي چالان ٿيندو ٽريفڪ سگنلز سان لڳل ڪيمرائون هڪ مهيني ۾ فعال ڪري ڇڏينداسين جڏهن ته هڪ کان ڏيڍ سال ۾ ڪراچي شهر ۾ 12 هزار ڪيمرا لڳايا ويندا. هن چيو ته گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ 2600 چالان ٿيا، ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ 2600 چالان ڪابه اهميت نٿا رکن گهرو وزير چيو ته موٽر سائيڪل جا 2 قسمن جا چالان ٿيندا، اي چالان انهي وٽ ويندو جنهن جي نالي تي گاڏي رجسٽرڊ هوندي جڏهن ته اهو به ڏوهه آهي ته اوهان جي گاڏي وڪرو ٿيڻ کان پوءِ به اوهان جي نالي تي آهي هن وڌيڪ چيو ته 10 هزار ٽرالر ٽينڪرن رجسٽرڊ ڪيا، ٽريڪر لڳايا، هيوي ٽريفڪ ۾ اهي ٽريڪرز ۽ اي چالان سسٽم سان جڙيل آهن شهر ۾ جيئن ئي اهي ٽرالر يا ٽينڪر 30 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ کان رفتار وڌائيندا ته اي چالان ٿي ويندي اهو سسٽم فينسي نمبر پليٽ جي به سڃاڻپ ڪري سگهي ٿو ضياء لنجار چيو ته ٽريفڪ پوليس سان گڏجي مختلف علائقن ۾ ڊرائيونگ لائسنس سينٽرز به ٺاهي رهيا آهيون.

بقايا 13 — ملاقاتون

ڪيون پيٽروليم ڊويزن جي ترجمان طرفان جاري بيان موجب وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار محمد توحيد حسين سان ملاقات ڪئي ٻنهي اڳواڻن طرفان پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ اداري جاتي ميڪانزم جي اجلاسن جي بحالي تي اطمينان جو اظهار ۽ رابطا، توانائي ۽ قدرتي وسيلن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون جي موقعن کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ان موقعي تي بنگلاديش جي پرڏيهي صلاحڪار پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ سڌي ريت اڏامن جي بحالي جي اهميت تي زور ڀريو وفاقي وزير سان واپار ٽيڪسٽائيل سول ايوي ايشن ۽ سياحت واري صلاحڪار شيخ بشيرالدين ۽ توانائي ۽ معدني وسيلن واري صلاحڪار محمد فوزل ڪبير خان به ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ٻطرفي واپاري تعاون کي وڌائڻ ۽ توانائي جي شعبن ۾ گڏيل تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير علي پرويز ملڪ 20 سالن ڪانپوءِ گڏيل اقتصادي ڪميشن جي اجلاس کي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ بنگلاديش جي لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي شروعات ٿي آهي هن بنگلاديش طرفان ڪيل شاندار مهمانوازي جو به ٿورو مڃيو.

بقايا 14 — قرار

آئيني بينچ شبلي فراز ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته هاءِ ڪورٽ ڌرين کي ٻڌڻ بعد التوا هيٺ درخواست تي فيصلو ڪري، سپريم ڪورٽ سينيٽ اليڪشن روڪرائڻ واري درخواست به رد ڪري ڇڏي جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ پنج رڪني آئيني بينچ شبلي فراز پاران اليڪشن ڪميشن جي ڊي سيٽ ڪرڻ واري نوٽيفڪيشن خلاف درخواست تي پشاور هاءِ ڪورٽ جي ڪارروائي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪرڻ واري فيصلي خلاف اپيل تي ٻڌڻي اربع تي ڪئي جسٽس حسن اظهر رضوي پڇيو ته ڪل ڪيترين سيٽن تي چونڊون ٿينديون آهن جنهن تي ٻئرسٽر گوهر ٻڌايو ته صرف هڪ سيٽ لاءِ اليڪشن آهي عدالت ريمارڪس ڏنا ته سينيٽ چونڊن ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي ۽ اليڪشن روڪڻ جي درخواست رد ڪئي وئي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته ڪيس ۾ رليف حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪندڙن جو سرينڊر ڪرڻ لازمي آهي جسٽس محمد علي مظهر پڇيو ته ڇا پشاور هاءِ ڪورٽ ڪيس کي ٻڌڻ جوڳو هجڻ يا نه هجڻ تي ڪو فيصلو ڪيو جنهن تي ٻئرسٽر گوهر ٻڌايو ته ڪيس اڃا خارج نه ڪيو ويو آهي جسٽس مندو خيل ريمارڪس ڏنا ته اهو ڪيس بنيادي حقن بابت آهي جنهن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان چيو ته حقن جو تعلق سڌيءَ ريت سزا سان آهي درخواست گذار دهشتگردي جي روڪ ٿام واري عدالت مان سزا يافته آهي جسٽس حسن اظهر رضوي ريمارڪس ۾ چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ کي صرف هڪ پيراگراف ۾ حڪم ڏيڻ کپي ها پر 31 صفحا لکي ڇڏيا بعد ۾ سپريم ڪورٽ پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيندي شبلي فراز جي درخواست اڪلائي ۽ حڪم ڏنو ته هاءِ ڪورٽ ڌرين کي ٻڌڻ بعد شبلي فراز جي التوا هيٺ درخواست تي فيصلو ڪري.

بقايا 15 — واکاڻ

هن ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي ۽ پاڪستاني قيادت سان رابطو ڪيس انهن کي چيو ته جيڪڏهن هو جنگ ڪندا ته آمريڪا انهن سان واپاري معاهدا نه ڪندو ٽرمپ هڪ تقريب ۾ ڳالهيون ڪندي چيو ته مان ڀارت سان هڪ واپاري معاهدو ڪرڻ وڃي رهيو هئس، مودي سان منهنجي سٺي دوستي آهي، مان انهي جو احترام ڪريان ٿو، اهو هڪ قاتل آهي، تمام سخت قسم جو انسان آهي، اهڙي طرح پاڪستان جو وزيراعظم به بهترين انسان آهي، انهي وٽ هڪ فيلڊ مارشل آهي جيڪو تمام گهڻو زبردست فائٽر آهي. آمريڪي صدر چيو ته مون کي خبر ملي ته 7 جهاز ڪيرايا ويا آهن، ٻئي ملڪ ايٽمي طاقتون آهن، جيڪي هڪ ٻئي تي حملا ڪري رهيا آهن، مون مودي کي فون ڪيو ۽ چيو ته اسان اوهان سان واپاري معاهدو نٿا ڪري سگهون ڇو ته اوهان جنگ شروع ڪري رهيا آهيو پوءِ مون پاڪستان کي فون ڪيو جنهن ۾ مون ساڳي ڳالهه چئي ٻنهي ملڪن چيو ته اسان کي وڙهڻ ڏيو، ٻئي ملڪ گهڻا سخت آهن. ٽرمپ چيو ته مون مودي کي چيو اوهان تمام بهترين لڳو ٿا، پر اوهان سخت ماڻهو آهيو انهي چيو ته اسان ٺيڪ آهيون، پر صرف ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻنهي ملڪن مون کي فون ڪيو ۽ چيو ته اسان سمجهي ويا آهيون. جنهن کان پوءِ جنگ رڪجي وئي، ڇا اهو حيران ڪندڙ نه آهي؟ آمريڪي صدر تنقيد واري انداز ۾ وڌيڪ چيو ته اوهان سمجهو ٿا ته بائيڊن اهڙي ڪري سگهيو ها؟ مون کي نه ٿو لڳي.

بقايا 16 — شرجيل ميمڻ

انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي کي هر اها سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي جيڪا هڪ ترقي يافته شهر کي هجڻ گهرجي، تاج حيدر پل کي اڄ کان عوام لاءِ کوليو ويو آهي هن پل جي افتتاح سان ڪورنگي جهڙن صنعتي علائقن ۽ ان سان گڏوگڏ رهواسي وارن علائقن جي ماڻهن کي سهولت ملندي ان کي شروعاتي ڏهه ڏينهن لاءِ هڪ طرفي پل طور هلايو ويندو ۽ بعد ۾ ٻه طرفي ٽرانسپورٽ شروع ڪئي ويندي. پراڻي چاهر صادق پل کي ڊاهي جديد معيار جو هڪ نئون پل ٺاهيو ويندو مرحوم سينيٽر تاج حيدر جي نالي تي رکيل تاج حيدر پل جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عالمي بينڪ جي سهڪار سان سنڌ حڪومت پاران پيلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري آهي جڏهن پيلو لائين بي آر ٽي بسون هلنديون ته شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ انهن کي فائدو ملندو سنڌ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي ته بي آر ٽي لائينن تي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي شڪارپور، خيرپور ۽ نوشهرو فيروز ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. گلشن معمار کان ڪراچي ۾ ڊاور تائين اي وي بسن جو هڪ نئون روٽ شروع ڪيو پيو وڃي جيڪو روزانو پنجاهه هزار ماڻهن کي سفر جون سهولتون فراهم ڪندو شاهراهه ڀٽو جو آخري مرحلو ڊسمبر تائين مڪمل ٿي ويندو ۽ جڏهن اهو ايم-9 موٽر وي سان ڳنڍجي ويندو ته ڪراچي شهر ۾ ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽجي ويندو هن چيو ته ڪراچي ۾ روڊن جي تعمير ۽ مرمت جو ڪم جاري آهي ۽ برساتن کان متاثر ٿيندڙ روڊن کي به بحال ڪيو پيو وڃي سنڌ حڪومت پنهنجا سمورا واعدا پورا ڪري رهي آهي ۽ شهرين کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪم جاري آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي شهر جي ٽرانسپورٽ ۾ وڌيڪ نيون بسون شامل ڪيون پيون وڃن، عورتن کي گلابي اسڪوٽيون مفت ڏنيون پيون وڃن ۽ انهن کي هلائڻ جي تربيت پڻ ڏني پئي وڃي. هن چيو ته ڪراچي سنڌ حڪومت جي بهترين اوليت آهي ڇو ته پوري ملڪ مان ماڻهو روزگار ۽ علاج لاءِ هن شهر جو رخ ڪندا آهن پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي سمورا کاتا سرگرم آهن ۽ جاري منصوبن کي وڌيڪ وڌايو پيو وڃي، اسان جي بهترين ترجيح ڪراچي جي شهرين جي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ملازم عورتن ۽ شاگردن کي مفت گلابي اسڪوٽيون، گڏوگڏ مفت تربيت ۽ لائسنس فراهم ڪري رهي آهي ڪو به ٻيو صوبو عوام کي اهڙي سهولت فراهم نه ڪري رهيو آهي هن چيو ته ٽريفڪ پوليس اي-چالان سسٽم شروع ڪيو آهي. شهرين لاءِ پيغام اهو آهي ته شهري مثبت رويو اختيار ڪن، ٽريفڪ ضابطن جي پاسداري ڪن ۽ نظم و ضبط جو مظاهرو ڪن ته جيئن هر ڪنهن کي شهر جي ترقياتي قدمن جو ثمر ملي سگهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان انهن منصوبن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سنڌ حڪومت وٽ پنج سئو وڌيڪ بسن جو به منصوبو آهي، اسان پنهنجي شهرين کي بهترين ممڪن سفري سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن اسان کي ٽريفڪ چالان جي صورت ۾ هڪ رپيو به نه ملي، ماڻهن کي ضابطن تي عمل ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪو ڏوهه ڪري ٿو ته چالان ٿيندو جن وٽ مينڊيٽ ناهي اهي تنقيد ڪري رهيا آهن هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سڀئي شهري اسان لاءِ عزت جي لائق آهن. جيڪڏهن ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته ان جو چالان جاري ڪيو ويندو ٽريفڪ ضابطن جي ڀڃڪڙي سبب حادثا ٿين ٿا، قيمتي انساني جانيون ضايع ٿين ٿيون، ڪوئي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ آهي، ڪنهن هڪ جي جان نه ويندي ته ان جا پونئر هوندا آهن اسان جو مقصد انساني جانين جي حفاظت ڪرڻ آهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اي ورڪ فار سنڌ ۽ سنڌ حڪومت پاران ڪالهه شروع ڪيل جاب پورٽل کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو پيو وڃي، سرڪاري نوڪرين سان گڏ خانگي ادارن ۾ اي ورڪ فار سنڌ تي نوڪرين جا اعلان ڪيا ويندا آهن جڏهن ته سنڌ سرڪار جي جاب پورٽل ۾ صرف سرڪاري نوڪرين لاءِ درخواست ڏئي سگهجي ٿي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته افغانستان اسان جو برادر ملڪ آهي پاڪستان هميشه ان کي پنهنجي اڳيان ڀيڙارين ۾ جيڪڏهن اهو ٻئي ملڪ هندستان لاءِ پراڪسي بڻجي ڪري پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪندو آهي ته پوءِ پاڪستاني فوجون ڪنهن به حالت ۾ برداشت نه ڪنديون هندستان افغانستان ۾ موجود گروپن کي پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪرڻ لاءِ پراڪسيءَ طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو پاڪستان پنهنجي سڀني پاڙيسرين سان دوستاڻا ۽ پرامن لاڳاپا چاهي ٿو جيڪڏهن ڪو به ملڪ پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪري ڏسندو ته ان کي سختي سان جواب ڏنو ويندو.

بقايا 17 — گهٽتائي

ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1635.97 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 158465.05 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 478 ڪمپنين جي 951.84 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 41.30 ارب رپيا هئي 123 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 314 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 41 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 524.48 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 48334.92 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 3133.54 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 229055.34 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊنگ تحت 27.31 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا. گذريل ڏينهن ڪي اليڪٽرڪ جي 92996672 شيئرز جيسڪول 53919141 شيئرز ۽ ورلڊ ڪال ٽيلي ڪام جي 51080521 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي. گلستان سپننگ ملز بي ايف مضاربه ۽ چڪوال سپننگ ملز سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا 18 — جمع

چالان لاڳو ڪرڻ جو معاملو سنڌ اسيمبلي ۾ پهچي ويو آهي. ايم ڪيو ايم اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع ڪرائي آهي تفصيل موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر انجنيئر عادل عسڪري ڪراچي ۾ شهرين تي اي- چالان لاڳو ڪرڻ خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع ڪرائي آهي تحريڪ ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته حڪومت بنيادي ٽريفڪ انتظامن ۽ روڊ حفاظتي قدمن کي يقيني بڻائڻ کانسواءِ شهرين تي اليڪٽرانڪ چالان سسٽم لاڳو ڪيو آهي تحريڪ جي متن ۾ چيو ويو آهي ته شهر ۽ صوبي ۾ خراب روڊن جي ڪري شهري سخت مشڪلاتن ۽ حادثن جو شڪار ٿي رهيا آهن جڏهن ته ڪو به موثر ٽرانسپورٽ سسٽم ناهي، شهرين وٽ قابل عمل پبلڪ ٽرانسپورٽ آپشن نه آهن جنهن جي ڪري روزانو سفر عذاب بڻجي ويو آهي. تحريڪ التوا ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته اي-چالان سسٽم کي روڊ جي بنيادي ڍانچي کي بهتر ٿيڻ تائين معطل ڪيو وڃي.

THE BEGUM NUSRAT BHUTTO WOMEN UNIVERSITY SUKKUR

تصحيح لاءِ اطلاع

اهڙو اطلاع بحوالو درخواست براءِ ڪوٽيشن (RFQ) جي حوالي سان آهي جيڪو تاريخ 17-10-2025 تي هيٺ ڄاڻايل اخبارن ۾ شايع ٿيو هو. ڊي نيوز (C). اوصاف (C). عبرت (حيدرآباد). صحافت (ڪوئيٽا) ۽ پبلڪ وائس (لاڙڪاڻو). اهڙو اطلاع ڪجهه ٽو ته اشتهار ۾ ٽائپنگ جي غلطي جي سبب جمع ڪرائڻ جو وقت. تاريخ 03-11-2025 تي رات 11:30 وڳي (PM) درج ٿي ويو هو. جڏهن ته درست وقت. صبح 11:30 وڳي (AM) آهي. تنهنڪري RFQ جمع ڪرائڻ جو درست وقت. تاريخ 03-11-2025 صبح 11:30 وڳي هوندو.

ٻيا سمورا شرط ۽ ضابطا برقرار رهندا.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

(OCEAIN)

PID-(H)-162/25

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-CB-LBF-DARS WEST-301572461-2025	PRE-DRILLING ENGINEERING WORKS	17.11.2025 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LBB-CNESS-BHITTANI-301102364-2025	CONSTRUCTION OF CULVERTS, CAUSE WAY AND BRIDGE	17.11.2025 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-CB-LBF-FIMKASSAR-301571717-2025	CIVIL WORKS FOR WORK OVER JOB	18.11.2025 AT 1130 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **01.10.2025, 10.10.2025** and **16.10.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-297754837-2025	HIRING 3D RE-PROCESSING SERVICES FOR NASHPA MEGA MERGE	14.11.2025 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-WL-299757392-2025	HIRING OF WIRELINE OPEN HOLE AND SPECIALIZED LOGGING SERVICES (OH SECTION) AND WIRELINE CASED HOLE AND PERFORATING SERVICES (CH SECTION) IN PUNJAB AND KPK REGION	20.11.2025 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com — ogdcl the energy

No.255/20

روزاني

ايڊيٽوريل

عطائي ڊاڪٽرن خلاف حتمي ڪارروائي وقت جي ضرورت صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار: مصنوعي ذهانت کان خوف، آخر ڇو؟ صفحو 4

اشتياق بيگ: اڳوڻي فرانسيسي صدر کي سزا! صفحو 4

مختيار آڏو: اڄوڪو ڏينهن... 30 آڪٽوبر صفحو 4

اوباوڙو لڳ ايٿانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ آلودگي رهواسين جو ساهه ٻوسائي ڇڏيو

بدبو پکڙجڻ سبب ڀرپاسي جي رهواسين کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي ۽ اسڪولن ۾ بدبوءِ سبب شاگردن جي حاضري گهٽجڻ لڳي

ڪجهه شاگرد منهن کي ڪپڙو ويڙهي اسڪول اچن ٿا بدبو هجڻ ڪري ڪجهه دير ڪلاسن ۾ رهي ٿا اسڪول ساهه ٻوسائجڻ ڪري واپس وڃن ٿا

انهيءَ فيڪٽري سنڌ پنجاب سرحدي ڌنگ تي قائم ڪئي وئي آهي، جنهن مان زهريلو ۽ بدبودار ڪيميائي فضلو کليءَ عام نڪري رهيو آهي: رهواسي

اوباوڙو (رپورٽ: غلام قمبر ٻوهڙ) اوباوڙو لڳ پنجاب سرحدي ڌنگ تي قائم ٿيل ايٿانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ بين الصوبائي آلودگي بدبو پکڙجڻ سبب ڀرپاسي جي رهواسين کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي ۽ ... بيمارين ڦهلجڻ هيپاٽائيٽس بي سي سميت ڪيترن ئي خطرناڪ بيمارين ڦهلجڻ جو خدشو آس پاس رهندڙ ڳوٺاڻن ... (صادق آباد) ۾ بي وڏي آلودگي پيداڪندڙ فيڪٽري جو قيام ماحولياتي ... (NEQS) جي صريح ڀڃڪڙي آهي ...

اوباوڙو: ايٿانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ آلودگي رهواسين جو ساهه ٻوسائي ڇڏيو

گولاڙچي گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ هارمون چينجز بابت آگاهي سيشن

شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته کهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿيون: سليم خواجه

شاگردياڻيون جسماني تبديلين کي سمجهن ۽ اعتماد سان ڊاڪٽرن سان صلاح مشورا ڪن

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي جي گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ "هارمون چينجز" بابت هڪ ڏينهن جو آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻه ليڊي ڊاڪٽر شاگردياڻين کي سنڌن جسماني ۽ ذهني تبديلين بابت تفصيلي آگاهي ڏني ... ڊاڪٽرن چيو ته "اسين شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته ڪهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿا ۽ ڪهڙن مسئلن ۾ ڊاڪٽرن سان صلاح ڪرڻ لازمي آهي" ... شاگردياڻين پنهنجي جسماني تبديلين کي سمجهن ۽ اعتماد سان ڊاڪٽرن سان صلاح مشورا ڪن "ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر عاطف شفيق خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جن اسڪول ۾ ريبن ڪٽي سيڪشن جو افتتاح ڪيو ۽ اسڪول پرنسپال کي ايمرجنسي لاءِ "هائجين ڪٽ" پڻ فراهم ڪئي ...

گولاڙچي: شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته ڪهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿيون: سليم خواجه

ڪڙ ۾ ڪيميڪل واري ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪڙو (ن ع) ڪڙو شهر ۾ ڪيميڪل سان ٺهندڙ ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جي وڪري خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي ڪڙو شهر جي سياسي سماجي ۽ شهرين محمد رمضان ببر، برڪت علي جويو مولاداد جوڻيجو قربان علي ببر عبدالرزاق نوناري، نديم ملاح ۽ ٻين ڏانهيندي ٻڌايو آهي ته ڪڙو شهر جي رهواسين سان وڏو ظلم ٿي رهيو آهي ...

هائر سيڪنڊري اسڪول عادلپور ۾ ڪنڊيل شجرڪاري مهم جو انعقاد

سنڌ ايجوڪيشن اينگرو فائونڊيشن سميت حڪومت جي نمائندن شرڪت ڪئي

وڻ لڳائڻ جي اهميت بابت ماحولياتي ستاري لاءِ شعور اجاگر ڪرڻ آهي: سيد عامر شاهه

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي ۽ جي ڊي سي ايل گيس فيلڊ سي ايس آر پروگرام ۽ سوشل ڊولپمينٽ ... هائير سيڪنڊري اسڪول عادلپور ۾ ڪنڊيل شجرڪاري مهم جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سميت مختلف ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي ...

گهوٽڪي: سنڌ ايجوڪيشن اينگرو فائونڊيشن سميت حڪومت جي نمائندن شرڪت ڪئي

سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نئين باڊي چونڊجي وئي

صاحبزادو علي مرتضيٰ لوڌ ٿائي ليسيميا ڪيئر سينٽر نواب شاهه جو دورو ڪيو

بلڊ بينڪ، ليبارٽري، فري فارميسي فيميل وارڊ ۽ آءِ سي يو وارڊ جو معائنو ڪيو

سڪرنڊ: بلڊ بينڪ، ليبارٽري، فري فارميسي فيميل وارڊ ۽ آءِ سي يو وارڊ جو معائنو ڪيو

روول سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن وصحت ڪاتي ۽ پاڪستان آرمي پاران مفت ڪيمپ قائم ڪئي وئي

ميهڙ، ڳاڙهي کهاڙو روڊ تي ٿيل تجاوزات خلاف ڪاروائين جو سلسلو شروع

اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل عملي سان گڏ صنڌل ريڙها هٽايا، رڪشا ۽ هٽايا ويا

20 دڪانن، ڇڪڙين اڳيان ناجائز ٺهيل ڇپرا صفائي ڪئي وئي آهي غلام فاطمه ڳلهه

رياڙ: اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل عملي سان گڏ صنڌل ريڙها هٽايا رڪشا ۽ هٽايا ويا

ڳاڙهو شگر مل جي سوين پورهيتن جو بائيڪاٽ، احتجاج، جي ايم سان ڳالهيون ناڪام

مسوبرڳوٺي لڳ پورهيت ڪينسر وسنطل، سرڪاري وارن کان علاج جي اپيل

مسوبرڳوٺي (ن ع) مسوبرڳوٺي لڳ ڳوٺ گيلو نوناري جو پورهيت امجد علي نوناري منهن جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿي ويو آهي پورهيت امجد علي ميڊيا اڳيان ڏانهيدي اپيل ڪئي آهي ته آئون مسڪين غريب پورهيت آهيان الهه تلهه وڪڻي علاج ڪرايم مگر ڪو فائدو ناهي ٿيو هن سنڌ سرڪار توڙي سرندي وارن کي اپيل ڪندي چيو ته علاج ڪرائي زندگي بچائي وڃي

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئشن جا نوان چونڊيل عهديدار ۽ ميمبر وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري سان ملاقات ڪري رهيا آهن

اوڏيرو لال: شهيد ٿيل فوجي جوان خدا بخش ڏاهري جو فائل فوٽو

سنڌ لٽريچر فيسٽيول آمريڪا ۾ شعيب پٺو کي سفير سنڌ نامزد ڪري ڇڏيو

سنڌ لٽريچر فيسٽيول پاران سفير سنڌ جو لقب ڏيڻ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي: شعيب پٺو

سنڌي برادري لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهيان، اڳتي به اهڙا وڏيڪ جذبي سان ڪندس

مونکي ٻه پنهنجي قوم جي خدمت ۾ خوشي ملندي آهي ۽ اها خدمت جاري رهندي

خورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي) سنڌ لٽريچر فيسٽيول آمريڪا ۾ سنڌين جي پيڇهلي ۽ سماج سڌارڪ شعيب پٺو کي "سفير سنڌ" لاءِ نامزد ڪري ڇڏيو شعيب پٺو سفير سنڌ ايوارڊ لاءِ نامزد ٿيڻ کي وڏو اعزاز قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ لٽريچر فيسٽيول پاران سفير سنڌ جو لقب ڏيڻ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي. شعيب پٺو چيو ته هي ايوارڊ صرف منهنجو نه پر هر ان سنڌي پيڻ پاڻ جو آهي جيڪو پرڏيهه ملڪن ۾ پنهنجي سڃاڻپ، ٻولي ۽ ثقافت سان جڙيل رهن ٿا. آئون عهد ٿو ڪريان ته جيئن سنڌي برادري لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهيان، اڳتي به اڃا وڌيڪ جذبي سان ڪندس، جنهن ۾ آمريڪا نون ايندڙ سنڌين جي رهائش ۽ روزگار شامل آهي سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ واسين جي محبت ئي منهنجي اصل طاقت آهي، مونکي به پنهنجي قوم جي خدمت ۾ خوشي ملندي آهي ۽ اها خدمت جاري رهندي

خورجينيا: شعيب پٺو کي سفير سنڌ نامزد

ناري کي مبينه قتل ڪرڻ خلاف ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ميهان خان رند واسي شيخ برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان کي خبر پئي آهي ته ساهورن اسان جي نياڻي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي: نبي بخش

ڄام صاحب (ن ع) ڳوٺ ميهان خان رند ويجهو ويٺل شيخ برادري جي ماڻهن پاران سندس نوجوان ناري کي مبينا قتل ڪرڻ خلاف ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو وڏوناري ريحانا جي ماءُ نسرين سندس پيءُ نبي بخش شيخ ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو ڏانهيندي چيو ته ڌي نسرين کي 3 سال اڳ جاني شيخ کي پرڻائي ڏني هئي پاڻي نياپا موڪليا ته مون تي تشدد ٿا ڪن احتجاج ڪندڙن چيو ته هنن جي گهر وياسين ته اسان کي پنهنجي ڌي سان ملڻ ن ڏنو ويو اسان قانوني رستو اختيار ڪندي ڄام صاحب ٿاڻي تي اطلاع ڏنو پوليس ولي اتي پهتاسين ته هو پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ناري جي وارثن وڌيڪ ڏانهيدي چيو ته اسان کي خبر پئي آهي ته هنن اسان جي نياڻي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي اسان ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کان نوٽيس ناري جي مبينا قتل ۾ ملوث جوابدارن جاني شيخ ڄام شيخ پناهه شيخ ٻين کي گرفتار ڪري نياڻي جو لاش اسان کي ڏنو وڃي هئي پاسي رابطو ڪرڻ تي ڄام صاحب ٿاڻي جي وڏي منشي ٻڌايو ته معي ذڪر ڪيل فريادي هڪ مهينو اڳ سندن برادري سان جهيڙو ٿيو هنن کي ميڊيڪل ورتو ڪين ميڊيڪل ڏنو ويو ٻيهر اسان وٽ نه آيا آهن

اوڏيرولال واسي فوجي جوان وطن جي حفاظت دوران شهيد ٿي ويو

جان جو نذرانو پيش ڪندڙ خدابخش ڏاهري 152 ايئر ڊفينس سان لاڳاپيل هو

جوان کي آبائي ڳوٺ پڏو ڏاهري ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بهادر شهيدن تي فخر آهي، جن ملڪ جي سلامتي ۽ امن لاءِ حياتي قربان ڪئي: آفيسر

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال واسي فوجي جوان وطن جي حفاظت دوران جان جو نذرانو پيش ڪندي دشمن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو بهادر فوجي جوان خدابخش ڏاهري 152 ايئر ڊفينس سان لاڳاپيل هو ۽ وطن جي حفاظت دوران سڄو آپريشن ۾ بهادري سان دشمن ... فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ پاڪ فوج جي آفيسرن جوانن علائقي واسين ۽ شهيد جي وارثن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي موقع تي پاڪ فوج جي آفيسرن چيو ته قوم کي پنهنجن بهادر شهيدن تي فخر آهي، جن ملڪ جي ...

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پاران انڊر نائينٽين ٽرائلز جاتي جو تيز بالر ثناءُ الله ٿهيم چونڊجي ويو

جاتي (ن ع) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پاران ٿيندڙ انڊر نائينٽين ٽرائلز ۾ گڏريا جنهن ۾ جاتي جو نوجوان تيز بالر ثناءُ الله ولد ماسٽر محمد ابراهيم ٿهيم ڳوٺ حاجي صديق ٿهيم جو رهواسي پنهنجي بهترين ڪارڪردگي جي بنياد تي چونڊجي ويو آهي سندس چونڊ نه صرف سندس گهرڀاتين لاءِ خوشي جو موقعو بڻجي وئي آهي پر سڄي جاتي لاءِ فخر جو لمحو آهي علائقي جي سياسي سماجي ۽ راندين سان ...

ڄام صاحب: ناري جي مبينه قتل خلاف شيخ برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

عثمان شاهه هڙي ۾ ايڊز وبا بعد عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون

هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ڪارروائي ڪري 15 کان وڌيڪ ڪلينڪون سيل ڪيون

سيل ڪيل ڪلينڪ کولڻ وارن ڪيسن لاءِ FIR ۽ وڌيڪ قدم کڻڻ جو اعلان

عثمان شاهه هڙي (ت ر) حڪومت سنڌ پاران صوبي ۾ ايڊيز جي وبا ڦهلڻ کانپوءِ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن حيدرآباد جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر امام ڪوسو ۽ اي سي جهنڊو مري شهزاد صمير جروار سان ... ڪلينڪون سيل ڪيون ۽ ان کان پهريان هيلٿ ڪيئر جي پهچڻ تي ڪيترائي ڊاڪٽر فرار ٿي ويا ان موقعي تي هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عطائي ڊاڪٽر غير قانوني طور ڪلينڪون هلائي انساني جانين کيڏين ٿا هائي ائين ڪرڻ ڪونه ...

عثمان شاهه: هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ڪارروائي ڪري 15 کان وڌيڪ ڪلينڪون سيل ڪيون

ڪراچي: چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي ...

شاهه جي مشين جي پرسان ڳوٺ سائينداد سولنگي، رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر وزير سولنگي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڊيجي (ن ع) شاهه جي مشين جي پرسان ڳوٺ سائينداد سولنگي جو رهواسي ۽ رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر وزيرعلي سولنگي ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد گمس اسپتال گمبٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ سائينداد سولنگي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ يونين ڪائونسل سيدارجا بالا جو چيئرمين ڊاڪٽر ڏاڪر حسين سولنگي، صحافي رحيم سولنگي، ڪرم حسين سولنگي سميت وڏي تعداد ۾ مختلف ڪاتن جي ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي جنهن کي شاهه عبدالرشيد جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٺرڙي محبت ۾ يوسي منگواڻي جي چوڪيدار جي پگهار بند، بڪ هڙتال

ٺرڙي محبت (ن ع) يونين ڪائونسل منگواڻي ۾ مقرر ٿيل پڪو ملازم جنهن کي اهو چٺي 22 مهينن کان پگهار بند ڪئي وئي آهي ته توهان اسان کي روڊ ناهن ڏنا جنهن ڪري مسڪين ملازم مسلسل تڪليف ۽ فاقاڪشي واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هيو جڏهن ته پگهارون بند هجڻ ۽ فاقاڪشي واري ...

صوبائي وزير بلديات سان منگهو پير ٽائون چيئرمين جي ملاقات

صفائي جي نظام جي بهتري ۽ عوامي سهولتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

عوامي اميدن مطابق ترقياتي منصوبا تيزي سان لاڳو ڪيا پيا وڃن: چيئرمين

حاجي نواز علي بروهي هڪ سرگرم، ايماندار ۽ عوام دوست چيئرمين آهي: ناصر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهو پير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ منگهو پير ٽائون ۾ جاري ترقياتي ڪمن، سيوريج سسٽم جي بحالي، روڊن جي تعمير ۽ مرمت، اسٽريٽ لائيٽن جي انسٽاليشن صفائي جي نظام جي بهتري ۽ عوامي سهولتن جي ... ته "منگهوپير ٽائون ڪراچي جي انهن علائقن مان هڪ آهي جتي ترقي جو ڦيٿو واقعي تيزي سان ڦري رهيو آهي حاجي نواز علي بروهي هڪ سرگرم، ايماندار ۽ عوام دوست چيئرمين آهي جيڪو فيلڊ ۾ موجود رهي هر ڪم جي ذاتي طور تي نگراني ڪندو آهي - هي رويو عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت چيئرمين ...

يورپي پارليامينٽ جا 10 ميمبر گراسپ مالي امداد جا اثر ڏسڻ لاءِ حيدرآباد پهتا

ميمبر يوسي سانوڻ خان گوپانگ ۾ ڪاروبارن جو جائزو ورتو ڳوٺاڻن سان حال احوال ڪيا

ڪاروبارن ۾ جدت، عورتن جي شموليت ڏسي مالي امداد سجائي ٿيڻ تي خوشي ٿي آهي: وفد

حيدرآباد (پ ر) يورپي پارليامينٽ جا 10 ميمبر حيدرآباد پهتا ۽ سنڌ ۾ ننڍن ڪاروبارن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هلندڙ گراسپ پروجيڪٽ تحت يورپي يونين جي مالي امداد جي اثرن جو جائزو ورتو ورتو گذريل ڏينهن يورپي پارليامينٽ جو وفد، لوڪاس منڊل، ٿامس زيڊيچيوسڪي، جوان فرنينڊو رابرٽ بيڊرون ۽ مارڪ جونگن شامل هئا، يورپي يونين جي نمائندن ڪرسچن بين هيل، باربرا رڪسن ڪرسچن ميسيٽ، ٽريسا ميسيما جانڪوف ڪيمينٽ ميسيما ۽ ڪرسچن بين-هيل سان گڏجي حيدرآباد پهتو ۽ گراسپ امداد جي اثرن ۽ فائدن جو جائزو ورتو يورپي وفد يوسي سانوڻ خان گوپانگ جي ڳوٺ آبڙي ۾ 5 لک روپين جي مالي امداد سان عورتن جي انتظام هيٺ هلندڙ ڪاروباري اداري 'فضا ديسي گيهه' جي پيداواري ترقي ۽ اتي عورتن کي روزگار ملڻ جي حوالي سان مشاهدو پڻ ڪيو ان موقعي تي وفد جي ميمبرن ڳوٺاڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪري امداد جي افاديت بابت ... ايم پي لوڪس منڊل چيو ته اهو ڏسي خوشي ٿي آهي ته يورپي يونين جي مالي سهڪار سان مقامي سطح تي ننڍن ۽ وچولي درجي وارن ڪاروبارن کي وڌائڻ ۾ مدد ملي رهي آهي اسان ڏٺو آهي ته مالي امداد سان ڪيلي جي ننڍن آبادگارن ۽ ڪير مکڻ جو ڪاروبار ڪندڙن جا ڪاروبار جديد طريقن ذريعي وڌيڪ ترقي ڪري رهيا آهن آءِ ٽي سيءَ جي نمائندگي ڪندي ايس ايم ايز ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ عمر عارف چيو ته گراسپ پروجيڪٽ تحت مالي سهڪار تربيت ۽ مارڪيٽ رابطن ذريعي ڳوٺاڻن ڪاروبار کي تيزي سان هٿي ملي رهي آهي پي اي ايف ۾ گراسپ آپريشنز ڪمانڊر سهيل خان بنگش چيو ته گراسپ مقامي معيشتن کي مضبوط ڪري، جدت کي هٿي ڏئي ٿي جنهن سان نه رڳو انفرادي ۾ اجتماعي ترقي پڻ ٿي رهي آهي. ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذيشان ميمڻ اميد ظاهر ڪئي ته يورپي يونين مستقبل ۾ ڳوٺاڻين عورتن جي ڪاروباري ترقي تي ...

جاتي: پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پاران انڊر نائينٽين ٽرائلز ۾ جاتي جو تيز بالر ثناءُ الله ٿهيم چونڊجي ويو

سوڪروي ايمر ٽائين تي نوري آباد ويجهو مزدا گاڏي ڪار سان ٽڪرائجي وئي، هڪ ڄڻو ڦٽجي پيو

نوري آباد (ن ع) سوڪروي ايمر ٽائين تي نوري آباد ويجهو حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ ليپرڊ ڪوريئرسروس جي مزدا گاڏي ٽرالر پويان ٽڪرائجي وئي حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي فوتي جي سڃاڻپ مزدا ڪلينڊر 30 ورهين محمد ماجد ولد فضل الرحمان ڪراچي سعيدآباد بلديه ڪالوني طور ٿي فوتي جو مڙهه ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقه اسپتال ٺاٺو بولا خان منتقل ...

ماتڙهند ۽ ڊنڊو بدامني منشيات جي آزار خلاف ماتڙهند ۽ ريلي، ڌرڻو

ماتڙهند: ٻاڙن جي سرپرستي ۾ وڏي مقدار ۾ منشيات جو ڪاروبار سرعام ٿي رهيو آهي: عمر ابڙو

گهوٽڪي: صيفل پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ منعقد ڪيل وڻڪاري مهم ۾ ٻوٽا لڳايا پيا وڃن: ٻئي طرف سيد عامر شاهه ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪندي

ڏوڪري ۾ غني امان چانڊيو کي ڪنيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

نوجوان سماجي اتحاد پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

غني امان چانڊيو مٿان الزام آهي ته ڪيس عدالت ۾ آندو وڃي: اڳواڻ

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۾ نوجوان سماجي اتحاد پاران سنڌين نيشنل ڪانگريس اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو چيف آرگنائيزر غني امان چانڊيو کي ڪراچي مان ڪنيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو نصير چنا، عزيز جويو صابر جروار رک سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته شاگرد اڳواڻ غني امان چانڊيو هڪ پرامن سياسي ...

حيدرآباد جي وڪيلن ۽ سول سوسائٽي پاران سول اسپتال انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو، بک هڙتال

سماجي اڳواڻ عامر زرداري جي پٽ جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ انتظاميه جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي وئي

ڊاڪٽر حسنين کي 18 آڪٽوبر تي ڊينگي جي بخار سبب سول اسپتال ۾ داخل ڪيو، جتي ڊينگي سبب پٽ کي ڇاتي جو انفيڪشن ٿي ويو: عامر زرداري

سول اسپتال ۾ وينٽيليٽر جو ماهر ئي موجود نه آهي جنهن کي خبر هجي ته وينٽيليٽر تي مريض کي ڪيئن منتقل ڪيو وڃي

پٽ جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن ۽ عملي کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، ذميوار صحت کاتو، ايم ايس، ڊاڪٽر ۽ عملو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي وڪيل برادري ۽ سول سوسائٽي پاران سماجي اڳواڻ عامر زرداري جي پٽ جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ انتظاميه جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف نوجوان جي ... بک هڙتال ڪئي. ان موقعي تي عامرزرداري چيو ته سندس نوجوان پٽ ميڊيڪل جو شاگرد ڊاڪٽرحسنين 18 آڪٽوبر تي ڊينگي جي بخار سبب سول اسپتال ۾ داخل ڪيو هو، جتي ... پٽ جي موت جو ذميوار صحت کاتو سنڌ، ايم ايس سول اسپتال ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽر ۽ عملو پڻ آهي. هن چيو ته سول اسپتال ۾ وينٽيليٽر جو ماهر ئي موجود نه آهي جنهن کي خبر هجي ته وينٽيليٽر تي مريض کي ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلشر پرنٽر مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 30 آڪٽوبر 2025ع

عطائي ڊاڪٽرن خلاف حتمي ڪارروائي وقت جي ضرورت

سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي (ايڊز) جي وبا جو ڦهلجڻ عوامي صحت لاءِ ڳڻتي جو وڏو سبب بڻجي وئي آهي. تازو صحت کاتي پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب صوبي ۾ لڳ ڀڳ چار هزار ٻارڙن ۾ ايڇ آءِ وي جي تصديق ٿي آهي، جيڪا هڪ انساني الميو آهي. ان کان به وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته ان وبا جي واڌ جو وڏو ذميوار عنصر عطائي ڊاڪٽرن کي قرار ڏنو ويو آهي- اهي ماڻهو جيڪي بغير ڪنهن طبي تربيت، سرٽيفڪيشن يا قانوني اجازت جي، انساني زندگين سان راند ڪري رهيا آهن. رپورٽ موجب سنڌ ۾ 6 لک کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽر سرگرم آهن جن مان رڳو ڪراچي ڊويزن ۾ اڍائي لک تائين جو انگ ٻڌايو پيو وڃي. اها صورتحال ڪنهن به مهذب سماج لاءِ ناقابلِ قبول آهي. عطائي ڊاڪٽر پنهنجي ناليءَ سان ڪلينڪون کولي، انجيڪشن، ڊرپ ۽ مختلف دوائون ڏين ٿا. پر انهن وٽ نه صفائيءَ جو خيال آهي، نه ئي علاج جو سائنسي علم. نتيجي طور اهي نه رڳو بيمارين ختم ڪرڻ بدران وڌيڪ پکيڙي رهيا آهن، پر انساني جانين کي خطري ۾ وجهي رهيا آهن. ايڇ آءِ وي جي پکيڙ بابت اختيارين ٻڌايو آهي ته هي مرض صرف هڪ سبب ڪري نه پر ڪيترن ئي خطرناڪ عملن جي ڪري وڌي رهيو آهي، جن ۾ هم جنس پرستي، عطائي ڊاڪٽرن جون غير قانوني ڪلينڪس غير رجسٽرڊ بلڊ بينڪ، استعمال ٿيل سرنج ۽ بليڊ، نائي جي دڪانن تي استعمال ٿيندڙ بليڊ، اسپتالن جو ڪچرو وڪرو ڪرڻ ۽ دوائن جي بي احتياطي سان استعمال شامل آهي. پر انهن سڀني سببن ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو ڪردار مرڪزي ۽ تباهه ڪندڙ آهي، جو نه اهي بنا علم ۽ ضابطه انساني جسم تي تجربا ڪن ٿا. ان حوالي سان صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جو بيان ساراهه جوڳو آهي، جنهن واضح لفظن ۾ چيو آهي ته عطائي ڊاڪٽرن خلاف بي رحم ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو ايم اين اي يا ايم پي اي انهن لاءِ سفارش ڪري ته مون کي ٻڌايو وڃي، مان پاڻ مُنهن ڏينديس. اهو موقف حڪومتي عزم جي علامت ضرور آهي، پر ماضيءَ جي تجربي موجب اهڙيون مهمون گهڻو وقت هلي ناهن سگهنديون، جيستائين انهن کي قانوني ۽ ادارياتي سهارو نه ملي.

حقيقت اها آهي ته عطائي ڊاڪٽرن جي ڪاروبار جي پويان صرف غربت يا بيروزگاري ناهي، پر انتظامي ڪمزوري، قانوني نرمي ۽ بدعنواني پڻ آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ عطائي ڊاڪٽر بااثر ماڻهن جي سرپرستيءَ هيٺ ڪم ڪن ٿا. ڪجهه ڪيسن ۾ ته پوليس ۽ مقامي صحت جا عملدار پاڻ به انهن سان مليل هوندا آهن. جيڪي مهم هلڻ شرط چند ڏينهن لاءِ ڪلينڪون بند ڪرائين ٿا، پر پوءِ ساڳي سرگرمي شروع ٿي ويندي آهي. انهيءَ تناظر ۾ حڪومت لاءِ ضروري آهي ته اها صرف ڪريڪ ڊائون تي ڀروسو نه ڪري، پر هڪ جامع حڪمتِ عمليءَ تي عمل ڪري. پهريون قدم اهو هجڻ گهرجي ته عطائي ڊاڪٽرن خلاف نه رڳو ڪيس داخل ڪيا وڃن پر مستقل نگرانيءَ جو نظام ٺاهيو وڃي. سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي وڌيڪ وسيلن ۽ قانوني اختيارن سان مضبوط ڪيو وڃي ته جيئن هو غير قانوني ڪلينڪن کي مستقل بند ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي. ٻيو عوامي آگاهي جي ميدان ۾ به سنجيده ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايڇ آءِ وي جي پکيڙ کي روڪڻ صرف حڪومتي مهم سان نه پر سماجي ذميواريءَ سان به ممڪن آهي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ ميڊيا ذريعي ماڻهن کي سيکارڻ گهرجي ته عطائي ڊاڪٽرن وٽ علاج ڪرائڻ سندن توڙي ٻارن جي زندگيءَ سان کيڏڻ برابر آهي. ان سان گڏوگڏ، ماڻهن کي استعمال ٿيل سرنج، بليڊ يا رت جي غير محفوظ منتقليءَ بابت واضح ڄاڻ ڏني وڃي. ٽيون، قانوني طور رجسٽرڊ ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن تائين رسائي وڌائي وڃي ڇو ته ڪيترائي ماڻهو عطائي ڊاڪٽرن وٽ صرف ان ڪري وڃن ٿا جو سندن ڪلينڪ پاڙي ۾ آهي، فيس گهٽ آهي ۽ علاج فوري ملي ٿو جيڪڏهن حڪومت ضلعي سطح تي پرائمري هيلٿ سينٽرن کي فعال ڪري، دوائون دستياب ڪري ۽ عملي کي ذميوار بڻائي ته ماڻهو پاڻ عطائي ڊاڪٽرن کان پري رهندا. اسين سمجهون ٿا ايڇ آءِ وي جي موجوده وبا صرف هڪ طبي مسئلو نه آهي، پر سماجي ۽ اخلاقي بحران به آهي. جڏهن چار هزار ٻارڙا هڪ اهڙي مرض جو شڪار ٿين ٿا جيڪو روڪڻ لائق آهي ته پوءِ اها ناڪامي ڪنهن هڪ شعبي جي نه، پر سڄي نظام جي آهي. هاڻي حڪومت لاءِ وقت اچي ويو آهي ته هو صرف رپورٽون پڙهڻ ۽ اجلاس ڪرڻ بدران، زميني سطح تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي.

مصنوعي ذهانت کان خوف، آخر ڇو؟

ڊاڪٽر ربيش ڪمار رانڪواڻي

هن ڀيري جڏهن مان آمريڪا جي دوري تي ويس، تڏهن مون کي سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ حيران ۽ متاثر ڪيو سا مصنوعي ذهانت جو وسيع ۽ اثرائتو استعمال هو. جيئن ئي مون آمريڪا جي زمين تي پير رکيو، تڏهن منهنجو سڀ کان پهريون واسطو خودڪار اميگريشن سسٽم سان پيو. عام طور تي ايئرپورٽ تي غير ملڪي مسافرن جي سڃاڻپ، پاسپورٽ ۽ ٻين ڪاغذن جي جاچ جو عمل ڊاڍو مشڪل ۽ وقت وٺندڙ هوندو آهي، پر هتي ته اِهو ڪم جهرن جي سڃاڻپ ۽ پاسپورٽ اسڪين ڪرڻ سان چند سيڪنڊن ۾ ٿي ويو. ڪو به ڊگهو انتظار يا تڪليف نه ٿي، هي سڀ ڪجهه AIجي جديد صلاحيتن جي ڪري ممڪن ٿيو آهي. ايئرپورٽ جي اندر مون کي ڪيترائي روبوٽ به ڪم ڪندي نظر آيا، جيڪي مختلف خدمتون ڏئي رهيا هئا. جڏهن مان ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتس ته خبر پئي ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ به AIانقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ٽيسلا ۽ وائي مو جهڙيون گاڏيون هاڻي بنا ڪنهن ڊرائيور جي پاڻمرادو هلي رهيون آهن، ۽ رستن تي لڳايل ٽريفڪ سگنل به AIجي حساب سان پاڻمرادو ڪنٽرول ٿين ٿا، جنهن جي ڪري ٽريفڪ جام جا مسئلا تقريباً ختم ٿي ويا آهن ان دوران مون کي هوٽل جي چيٽ بوٽ جو هڪ خودڪار آڏرپاءِ جو پيغام واٽس ايپ تي مليو. چيٽ بوٽ پاڻمرادو منهنجو چيڪ ان (داخلا) ڪري ڇڏيو، ڪمري جون سموريون تفصيلون ٻڌايون، ماني جو مينيو ڏيکاريو ۽ رهائش دوران ڪجهه مفيد صلاحون ۽ تجويزون به ڏنيون. آمريڪي حڪومت جي سڏ تي مون کي هتي ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نجي ادارن جي دوري جو موقعو مليو، جن شين مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو، تن مان هڪ هئي حڪومتي نظام ۾ مصنوعي ذهانت (AI)جو وڌندڙ استعمال. هاڻي آمريڪا ۾ حڪومت جا ڪيترائي ڪم AIجي مدد سان هلن ٿا، جنهن سان نه رڳو عام ماڻهو پنهنجي شهري حقن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري رهيا آهن، پر گڏوگڏ ادارن جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ جوابدهي به تمام بهتر ٿي وئي آهي. صحت جي شعبي ۾ مون کي ڄاڻ ملي ته مايو ڪلينڪ ۽ آءِ بي ايم واٽسن هيلٿ جهڙا ادارا هاڻي AIجي مدد سان اهڙين پيچيدگين ۽ خطرناڪ بيمارين جي سڃاڻپ ۽ علاج ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهن، جيڪي ڪڏهن لا علاج سمجهيون وينديون هيون. هاڻي مشين لرننگ سسٽم ۽ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ سان تيار ڪيل مشينون ايڪسري ۽ ايم آر آءِ اسڪين ۾ اهڙيون باريڪيون ڏسي وٺن ٿيون، جيڪي انساني اک ڏسي ئي نٿي سگهي. اهو به ڏسڻ ۾ آيو ته چيٽ بوٽس مريض جي علامتن جي بنياد تي بيماريءَ جي سڃاڻپ ڪن ٿيون، پوءِ پاڻمرادو دوائون تجويز ڪن ٿيون ۽ جيڪڏهن مريض جي حالت سنجيده هجي ته ڊاڪٽر سان ملاقات به پاڻ بُڪ ڪري ڏين ٿيون.

هتي آمريڪا ۾ AIروبوٽ رڳو اسپتالن ۾ نه، پر روڊن، شاپنگ مالن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي به ڪم ڪن ٿا. اهي روزاني صفائي سان گڏ ماحول جي نگراني، جراثيم مارڻ ۽ ڪچرو ختم ڪرڻ جو ڪم پاڻمرادو ڪن ٿا. هاڻي آمريڪي ڪمپنيون اهڙا روبوٽ تيار ڪري رهيون آهن، جن ۾ سينسر ڪئميرا ۽ GPS ٽيڪنالاجي لڳل آهي، جنهن جي مدد سان اهي گاڏين ۽ ماڻهن کان پاڻ کي بچائيندي روڊن تي پيل ڪچرو صاف ڪن ٿا. تعليم جي شعبي ۾ به وڏي تبديلي آئي آهي. هتي جا تعليمي ادارا تيزيءَ سان AIسان ڳنڍجي رهيا آهن. هاڻي شاگرد جي دلچسپي ۽ قابليت ڏسي، AIپاڻمرادو ان لاءِ مضمون ۽ غير نصابي سرگرميون تجويز ڪري ٿو. شاگرد جي سکڻ جي طريقي، صلاحيت ۽ رفتار موجب، نصاب پاڻمرادو بدلجي وڃي ٿو ايتري قدر جو امتحانن جا سوال، جواب ۽ نتيجا به AIجي مدد سان تيار ٿين ٿا. آمريڪا ۾ تعليم جي ميدان ۾ مصنوعي ذهانت (AI)ذريعي ڪاميابيءَ جا جهنڊا کوڙيندڙ ماهر ڊاڪٽر مائيڪل ايورسٽ، مون سان لاس اينجلس ۾ پنهنجي آفيس ۾ هڪ بريفنگ دوران ملاقات ڪئي. هن ٻڌايو ته پنج سال اڳ جڏهن ڪورونا وبا آئي هئي، تڏهن آمريڪا کي اهڙي وڏي آزمائش جو منهن ڏسڻو پيو، جنهن ملڪ کي ڄڻ ته پاڙن تائين لوڏي ڇڏيو هو ان وقت آمريڪا ۾ تعليمي شعبي کي استادن جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو هو يعني اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ لاءِ استاد گهٽ هئا. اِها ئي اها گهڙي هئي، جڏهن ڊاڪٽر ايورسٽ جي اداري هڪ زبردست AI پليٽفارم متعارف ڪرايو جنهن ۾ ورچوئل ٽيچر اسسٽنٽس يعني آن لائن ڊجيٽل استاد، آمريڪا جي وڏين يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. اهي ورچوئل استاد شاگردن کي نه صرف نصابي ڄاڻ ڏين ٿا، پر عملي تربيت، رهنمائي ۽ سوالن جا جواب به ڏين ٿا. ڊاڪٽر ايورسٽ جو اهو قدم آمريڪا لاءِ تمام اهم ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته ان سان ملڪ پنهنجي سپر پاور واري حيثيت کي قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهيو. اڄ به سندس تيار ڪيل پليٽفارم Edu.comذريعي، هزارين شاگرد AIجي مدد سان تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاري رهيا آهن. انهن شاگردن جي مهارت ۽ علم جي ڪري آمريڪا جي سماج ۽ معيشت ٻنهي ۾ بهتري اچي رهي آهي ۽ ملڪ اڳ کان به وڌيڪ مضبوط ٿي رهيو آهي. هن دوران مون کي آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترن ئي پاڪستاني نئين نسل جي ماڻهن سان ملاقات جو موقعو مليو. اهو ڏسي خوشي ٿي ته جيئن آمريڪا جي ٻين شعبن ۾ پاڪستاني ڄاوا ماڻهو اڳتي آهن تيئن ئي AI جي شعبي ۾ به پاڪستاني ڪميونٽي اڳيان اڳيان آهي. پر هڪ وطن دوست پاڪستاني طور منهنجي ذهن ۾ اهو سوال ضرور آيو ته جڏهن دنيا اهڙي تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي ته اسان پاڪستان ۾ اهڙين تبديلين سان هم آهنگ ٿيڻ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اسان پنهنجي تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ ترقيءَ ۾ به اهڙي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهيون، جيئن دنيا اڳتي وڌي رهي آهي؟ بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت بابت اڃا تائين ڪيترن ئي غلط فهمين جو راڄ آهي. ڪجهه ماڻهو ٽيڪنالاجي جي غلط استعمال کي جواز بڻائي، AIکي اختيار ڪرڻ کان ماڻهن کي روڪي رهيا آهن. ٻين کي اهو خوف آهي ته جيڪڏهن AIعام ٿي ته انهن جون نوڪريون ختم ٿي وينديون. پر حقيقت ۾ ڳالهه بلڪل ابتڙ آهي. مان سمجهان ٿو ته هي دور انساني ترقيءَ جو سڀ کان اوجو ۽ شاندار دور آهي. هزارين سالن جي ارتقائي سفر بعد اڄ انسان اهڙي مقام تي پهتو آهي، جتي هو AIجي مدد سان ڪائنات جا اهي به راز معلوم ڪري رهيو آهي، جيڪي صديون اڳ تائين لڪل هئا. منهنجي نظر ۾ مصنوعي ذهانت انسان جي اصلي ذهانت جو متبادل نه آهي، پر اها ان جي هڪ طاقتور ساٿي آهي. آمريڪا ۾ رهندي مون اهو ويجهو مشاهدو ڪيو ته AIانسان کي ڪمزور يا بيڪار نه ٿي ڪري، پر ان کي وڌيڪ قابل باصلاحيت ۽ تيز بڻائي ٿي. آمريڪا جهڙي سپر پاور ملڪ ۾ AIجو وسيع استعمال ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مصنوعي ذهانت اڄ جي نئين عالمي معيشت جو مرڪزي انجڻ آهي ۽ اهو روشن مستقبل انهن ملڪن جو آهي، جيڪي پاڻ کي هن نئين ٽيڪنالاجيءَ واري دور جي اڳواڻي لاءِ تيار ڪري رهيا آهن. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن اسان اڄ به ڊپ ۾ وقت ضايع ڪريون ٿا ته سڀاڻي اسان کي ٻين تي ڀاڙڻو پوندو. AIنوڪريون ختم نٿي ڪري، اها صرف انهن کي نئين دور جي ضرورتن مطابق نئون روپ ڏئي ٿي اهو به سچ آهي ته AIانسان جي تخليقي صلاحيت کي ختم نه پئي ڪري، بلڪ ان کي وڌائي رهي آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته اسان ان ٽيڪنالاجيءَ کان ڊڄون ٿا جيڪا اسان جو مستقبل سنوارڻ جي صلاحيت رکي ٿي؟

اڳوڻي فرانسيسي صدر کي سزا!

اشتياق بيگ

فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جو شمار ملڪ جي مقبول ترين صدرن ۾ ٿيندو هو هو 2007ع کان 2012ع تائين فرانس جو صدر رهيو. تازن ڏينهن ۾، هڪ ڏکي عدالتي ڪارروائي ۽ قانوني جنگ کان پوءِ فرانسيسي عدالت نڪولس سرڪوزي کي ليبيا کان چونڊ مهم لاءِ پئسا وٺڻ جي الزام هيٺ 5 سال قيد ۽ هڪ لک يورو ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي فرانس جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائين ٿيو آهي، جو ڪنهن اڳوڻي صدر کي ڪرپشن جي الزام ۾ سزا ٻڌائي وئي آهي سرڪوزي تي الزام هو ته هن 2007ع جي چونڊ مهم لاءِ ليبيا جي اڳوڻي صدر معمر قذافي کان پئسا ورتا هئا ۽ انهن ئي پئسن سان پنهنجي چونڊ مهم هلائي عدالتي فيصلي کانپوءِ نڪولس سرڪوزي پنهنجي حامين سان گڏ پاڻ جيل ويو ۽ گرفتاري ڏئي ڇڏي نڪولس سرڪوزي خلاف عدالتي جاچ 2013ع ۾ ان وقت شروع ٿي، جڏهن ليبيا جي اڳوڻي صدر معمر قذافي جي پٽ سيف الاسلام قذافي پنهنجي والد جي موت کان ٻه سال پوءِ هڪ وڏو الزام هنيو هو جيو ته نڪولس سرڪوزي پنهنجي چونڊ مهم لاءِ سندس والد کان 50 ملين يورو جهڙي وڏي رقم ورتي هئي ۽ ان رقم جون ادائيگيون سرڪوزي جي صدر بڻجڻ کانپوءِ به جاري رهيون سيف الاسلام جي الزام لڳائڻ جو هڪ اهم سبب اهو هو ته هُو نڪولس سرڪوزي کي پنهنجي والد جي موت جو ذميوار سمجهندو هو ياد رهي ته 2011ع ۾ ليبيا جي گهرو ويڙهه دوران فرانس جو ڪردار تمام اهم رهيو هو، فرانس انهن ملڪن مان هو، جيڪي معمر قذافي جي حڪومت خلاف ڪارروائي ڪندڙ عالمي اتحاد جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا، اقوامِ متحده جي سلامتي ڪائونسل جڏهن ليبيا ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي آڙ ۾ فوجي مداخلت جي اجازت ڏني، تڏهن فرانس ئي هو جنهن نيٽو جي هوائي حملن جي اڳواڻي ڪئي 20 آڪٽوبر 2011ع تي معمر قذافي جي قتل کانپوءِ فرانسيسي صدر نڪولس سرڪوزي ان کي فرانس جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ چيو ته 'اسان ليبيا مان آمريت ختم ڪري ڇڏي آهي' دلچسپ ڳالهه اها آهي ته نڪولس سرڪوزي هڪ طرف چونڊ مهم لاءِ قذافي کان وڏيون رقمون وٺندو رهيو ۽ ٻئي طرف اقتدار ۾ اچي ساڳئي شخص کي ئي ختم ڪرائي ڇڏيو پروقت جي ڦيري سان، ساڳئي قذافي جي پٽ سيف الاسلام، 70 ورهين جي عمر ۾ نڪولس سرڪوزي کي جيل تائين پهچائي ڇڏيو اڄ جڏهن مان هي ڪالم لکي رهيو آهيان، تڏهن مون کي 2006ع ۾ ٿيل اها يادگار ملاقات ياد اچي رهي آهي، جڏهن مان وزيراعظم شوڪت عزيز جي سربراهي ۾ ليبيا ويل سرڪاري وفد جو حصو هئس ان موقعي تي مون کي ليبيا جي صدر معمر قذافي ۽ سندس پٽ سيف الاسلام سان ملڻ ۽ کين ويجهو کان ڏسڻ جو موقعو مليو، اِهو اُهو وقت هو، جڏهن ليبيا تي معمر قذافي جي حڪمراني ۽ اقتدار تي سندس سخت گرفت هئي پاڪستاني وفد جي اعزاز ۾ ڏنل ضيافتي ماني دوران وزيراعظم شوڪت عزيز مذاق ڪندي معمر قذافي کي چيو ته 'توهان پاڪستان ۾ ايترا مشهور آهيو جو قذافي اسٽيڊيم ۽ هڪ مشهور شاهراهه به توهان جي نالي سان منسوب آهي جيڪڏهن توهان پاڪستان ۾ چونڊون وڙهندا ته پڪ سان ڪامياب ٿي ويندا' اهو ٻڌي معمر قذافي ۽ سندس پٽ سيف الاسلام ٻنهي خوشيءَ جو اظهار ڪيو اهو ذڪر ڪرڻ جوڳو آهي ته پاڪستان جي ايٽمي پروگرام ۾ معمر قذافي دل کولي مالي مدد ڪئي هئي، پر جيئن چوڻي آهي ته 'سٺن ڏينهن ۾ سڀ ساٿي هوندا آهن پر بُرن وقتن ۾ ڪو به گڏ نه هوندو' اهو ئي ڪجهه معمر قذافي سان ٿيو جڏهن سندس وقت ابتريءَ ۾ بدلجي ويو ۽ مغربي طاقتون سندن خلاف ٿي ويون، تڏهن پاڪستان ۾ چونڊون وڙهائڻ جون ڳالهيون ڪندڙ به سندس ساٿ ڇڏي ڏنو 2011ع جي گهرو ويڙهه دوران معمر قذافي کي رستن تي گهلي ڪري قتل ڪيو ويو ۽ افسوس سان گڏ چوڻو پوي ٿو ته ڪنهن به اسلامي ملڪ ان دردناڪ موت تي آواز به نه اٿاريو فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي خلاف عدالتي فيصلو فرانس ۾ قانون جي بالادستي ۽ عدليه جي آزاديءَ جي عڪاسي ڪري ٿو اِهو اُهو ثابت ڪري ٿو ته جڏهن عدالتون سياسي اثر کان آزاد ٿين ٿيون ته پوءِ ڪو به شخص ڀلي ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي، قانون کان مٿي نٿو رهي سگهي، پاڪستان ۾ به ڪيترن سياسي شخصيتن تي ڪرپشن جا الزام لڳا آهن، پر هتي جو عدالتي نظام اڪثر سست ۽ غير مؤثر نظر اچي ٿو. فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جنهن طريقي سان پاڻ کي جيل اختيارين حوالي ڪيو ۽ جنهن نظم ۽ قانون جي پاسداري ڪرڻ جا بنا ڪنهن احتجاج يا تشدد جي، ان ۾ پاڪستان لاءِ وڏو سبق لڪل آهي پي ٽي آءِ جي باني عمران خان تي به نڪولس سرڪوزي وانگر غير ملڪي فنڊنگ جا الزام لڳا هئا. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ٽي رڪني بينچ 2014ع کان هلندڙ هيٺ فارن فنڊنگ ڪيس ۾ فيصلو ٻڌائيندي عمران خان ۽ سندس پارٽي کي ڏوهيدار قرار ڏنو فيصلي موجب پي ٽي آءِ پارٽي شهري روميتا سيٽي سميت 34 غير ملڪي شهرين، آمريڪا، ڪينيڊا، ووٽن ڪرڪٽ، ابراج گروپ، آءِ پي آءِ ۽ يو ايس آءِ کان ممنوع فنڊ حاصل ڪيا ۽ 13 بئنڪ اڪائونٽن کي لڪايو. پر افسوس جو اهو ڪيس اڃا تائين اعليٰ عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. جيڪڏهن عمران خان کي فارن فنڊنگ ڪيس ۾ جيل وڃڻو پوي ها، ته شايد پاڪستان ۾ ٻيهر 9 مئي جهڙو واقعو پيش اچي وڃي ها. فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جي سزا نه صرف عدليه جي آزادي ۽ احتساب جي حوالي سان هڪ نئين مثال قائم ڪري ٿي، پر اهو پيغام به ڏئي ٿي ته جيڪڏهن اسين پنهنجو سماجي ۽ سياسي نظام مضبوط بڻائڻ چاهيون ٿا ته پوءِ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻو پوندو. پاڪستان ۾ حقيقي احتساب تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن عدليه مڪمل طور آزاد، عوام باشعور ۽ سياستدان شفاف هوندا.

اڄ جي ڳالهه....

ڏور تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، ماضيءَ جون روايتون توڙي قدر بيدرديءَ سان تباهه ٿي رهيا آهن. ننڍي وڏي جو لحاظ پڻ ختم ٿيندو پيو وڃي. لوڀ ماڻهن جي دلين کي ڪٺور بڻائي رهي آهي. هر ماڻهو فقط پاڻ لاءِ سهولت چاهي ٿو پنهنجو پاڻ کي ڪامياب ڏسڻ گهري ٿو پوءِ ڀلي ته اُن لاءِ هُن کي ڪنهن ٻئي جو حق ئي ڇونه ڦُرڻو پئجي وڃي. اڃا ته ڄڌن جي شروعات آهي، ايندڙ وقت ۾ نه ڄاڻ انسان ڪهڙي حال ۾ هوندو!؟ اِئين به ٻڌايو پيو وڃي ته هاڻ گهڻا ئي ڪم روبوٽ کان ورتا ويندا، بلڪ سُڌريل مُلڪن ۾ روبوٽ ڪم به ڪري رهيا آهن، ممڪن آهي ته روبوٽس جي عام ٿيڻ کان پوءِ 'احساس' جهڙو گُڻ انسان مان هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي. جيتوڻيڪ هِن وقت به 'احساس' ڪو گهڻو ناهي بچيو ايستائين جو رت جا رشتا به هڪٻئي کان ڇڇي ڌار ٿي پيا آهن، ڪٿي ملڪيتن ماڻهن کي هڪٻئي کان پري ڪري ڇڏيو آهي ته ڪٿي طبقاتي وڇوٽين اُنهن ۾ دوريون پيدا ڪري ڇڏيون آهن جيڪڏهن ائين ئي سلسلو هلندو رهيو ته هڪ ڏينهن ماڻهو پنهنجو تشخص توڙي اشرف هُجڻ واري احساس به وڃائي ويهندا، جا شايد انساني تنزليءَ جي انتها هوندي. تنهن ڪري اڄوڪي سماجي قدرن کي ٻيهر جياريڻ جي جستجو ڪريون.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

لَڳُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَ!
اَهڪِي جا اُنَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!
اَڪَڙِيِنِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهيُنِ جو.
(سُر حسيني)

ورسيءَ جي مناسبت سان...

تحريڪ آزاديءَ جو اڳواڻ ۽ صحافي حاجي محمود هالائي!

محمد سليم ميمڻ هالائي

هالا جي مٽيءَ کي قدرت اهو ماڻ ۽ مرتبو بخشيو آهي جو هن مان ڪيترائي بزرگ، درويش، اديب، شاعر، صحافي ۽ ڪهنه مشق اهلِ ماڪ هيرا پيدا ٿيا آهن سخي مخدوم سرور نوح رحه جي نگريءَ مان سنڌ ترقيءَ جو سپوت ۽ تحريڪ آزاديءَ جو مرد مجاهد حاجي محمود هالائي 8 مارچ 1908ع تي سنڌ جي هٽ جي هنرن، ثقافت جي مرڪز ۽ روحانيت جي محور سان مشهور شهر هالا ۾ هڪ غريب ۽ ديندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيو سندس والد جو نالو حاجي محمد اسحاق ميمڻ هالائي هو جيئن ته سندس پيدائش هالا ۾ ٿي تنهنڪري کين "هالائي" لقب ڏنو ويو پاڻ شروعاتي تعليم هالا ۾ حاصل ڪيائين 1926ع ۾ حج جي سعادت نصيب ٿيڻ جي ڪري حاجي محمود هالائيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃڻ لڳو مرحوم حاجي محمود هالائي نيڪ، خوش اخلاق، باصلاحيت ۽ غريب پرور انسان هو پاڻ صحافت جي ميدان ۾ قدم رکندي 1938ع ڌاري هالا ۾ هڪ پرنٽنگ پريس جو بنياد وڌائين جيڪا هڪ سال جي مختصر عرصي بعد 1939ع ۾ ميرپور خاص منتقل ڪري 1942ع ۾ "هفتيوار همدرد اخبار" جاري ڪيائين جيڪا اڄ به ساڳئي جذبي سان جاري ٿي رهي آهي پنهنجي وس آهر ملڪ ۽ قوم، خاص طور تي ضلعيي ٿرپارڪر جي مظلوم غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي خدمت ۽ ترجماني ڪري رهي آهي تاريخ پهرين نومبر 1967 تي هفتيوار "همدرد" اخبار 25 سال پورا ٿيڻ تي ضلعي ڪائونسل هال ميرپورخاص ۾ سلور جوبليءَ جي تقريب منعقد ڪئي وئي پاڻ صحافت سان وابسته هئڻ جي ڪري صحافين جي مختلف تنظيمن جو عهديدار ۽ باني پڻ رهيو حاجي صاحب ٿرپارڪر ايڊيٽرس ايسوسيئيشن جو صدر، ڊسٽرڪٽ پرنٽنگ پريس ايسوسيئيشن جو صدر، ميرپورخاص پريس ڪلب جو صدر، انجمن مديران سنڌ جو پريس سيڪريٽري پڻ رهيو حاجي صاحب بهترين خوبين جو مالڪ هو، جڏهن ڪنهن اداري جي ڪنڍاڻي منعقد ٿيندي هئي ته ان جي ڪارروائي پوري ضابطي سان ۽ خوش اصلوبيءَ سان سرانجام ڏيندو هو شايد اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ جڏهن به ادبي يا سماجي محفلون منعقد ڪيون وينديون هيون ته کين مهمان خاص جي حيثيت سان گهرايو ويندو هو، جتي پاڻ صدارت جا فرائض سرانجام ڏيندا هئا. حاجي محمود هالائي ٻالڪپڻ کان ئي حريت پسند خيالن جو ماڻهو هو اهو ئي سبب هو جو 12/13 سالن جي عمر ۾ تعليم ڇڏي خلافت تحريڪ ۾ عملي حصو ورتائين ۽ وطن جي آزاديءَ ۽ مسلمان قوم کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ وارين تحريڪن ۾ اول خلافت تحريڪ پوءِ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس، خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ڪيترا ئي ڀيرا قيد ۽ بند جون تڪليفون برداشت ڪيائين ۽ بعد ۾ خدمتِ خلق جي جذبي تحت عملي طور صحافت سان وابستگي اختيار ڪيائين هن هميشه زندگيءَ جي هر موڙ تي انسان دوستيءَ جي راهه ۾ سچائيءَ سان نبهايو آهي ۽ اصول پرستيءَ کي پنهنجو شعار بڻايو آهي. ان سبب جي ڪري ڏاڍ سان ڏيهه ۾ ڏقير ڦهلائيندڙن کيس وقت بوقت عظيم آزمائشن ۽ سخت مشڪلاتن ۾ مبتلا پئي ڪيو جن کي

هيءَ مڙسيءَ، همت ۽ جوانمرديءَ سان منهن ڏيندو رهيو. هن ڪڏهن به همت نه هاري، بلڪ هُو پٽن ۽ پهاڙن تان پير پٽون ڪندو ڏکن جا ڏونگر ڏاريندو اڳتي وڌيو ۽ آخري دم تائين غريبن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو. هن جي زندگيءَ بابت مارئيءَ جي ملڪ ٿرپارڪر جا مارو ماڻهو گواهه آهن ته حاجي محمود هالائي ٿر ۾ ايندڙ ڏڪارن، غريب مارئڙن جي بُک ۽ بدحاليءَ بابت دنيا جو توجهه ڇڪايو ۽ ٿر ۾ موجود قدرتي نعمتن ۽ وسيلن جي نشاندهي ڪندو رهيو، جنهن تي ان وقت جي حڪومت توجهه ڏنو ۽ ٿر اندر لڪل قدرت جي نعمتن کي آخر ڳولهي لڌو ويو ته دنيا جي بهترين ڪوئلي جون ڪاڻيون به ٿر ۾ موجود آهن. ٿر جو ڪارو سونُ يعني ڪوئلي جي ڪاڻين مان بجليءَ جي منصوبن تي پڻ عمل شروع ٿي چڪو آهي، جنهن مان سڄي ملڪ کي بجلي سپلائي ٿي رهي آهي، اونداهيءَ ۽ بجليءَ جي لوڊشيڊنگ جو خاتمو يقيني بڻجي سگهندو.

اڄ هن جي ورسي موقعي تي انهيءَ ڳالهه ۽ اهم ڪارنامي جو ذڪر نه ڪرڻ حاجي محمود هالائيءَ جي مشن سان ناانصافي ليکي ويندي ته مرحوم جي زندگيءَ جو اهم مشن سنڌ واسين کي تعليم يافته ڏسڻ هو. سندس چوڻ هوندو هو ته سنڌ واسي هميشه جي لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو مقاطعو ڪيو آهي پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين سنڌ اندر ڪاليج ۽ هاءِ اسڪول ته پري جي ڳالهه هئي پر پرائمري اسڪول به صرف هندن جي اولاد کي تعليم ڏيڻ لاءِ وقف هوندا هئا. هن طرفان شروع ڪيل تحريڪ جي نتيجي ۾ هالا سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پرائمري اسڪولن سان گڏ هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو چار ڄڻن وارو سلسلو شروع ٿيو جنهن جي ابتدا حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي جن هالا ۾ سروري اسلاميه ڪاليج مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول مٽيل ۽ پرائمري اسڪولن جو بنياد وجهي ڪرڻ فرمايو. ان مان سڄي سنڌ جا نوجوان تعليم جي زيور سان آراسته ٿيڻ بعد دنيا جي.

ڀڳت ڪنور رام، راڳ ۽ رواداريءَ جو مُجسم!

عامر انصاري

راڳ رقص، سُرن ۽ سازن جو اهڙو ته سنگم آهي، جيڪو ٻڌندڙ جي ذهن ۽ دل کي موهي هڪ لُطف ڀري تازگي بخشي ٿو. راڳ رقص ۽ سازن جو آواز نه پر راڳ رقص ۽ سازن کي ٻڌڻ ۽ روح کي سُرور حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. راڳ رقص جو آواز ٻڌندڙ کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي. راڳ رقص انساني ارتقا کان انسان ۾ سمايل آهي، جنهن کي روح جي غذا به چيو ويندو آهي. اُن راڳ رقص جي دُنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائيندڙ املهه ماڻڪ موتي جهڙو ڪردار انساني برابريءَ جي محبتن جا گُل ورهائيندڙ ڀڳت ڪنور رام سنڌي صوفي راڳين ۾ تمام وڏو نالو آهي. "ڀڳت" سنڌي ٻوليءَ ۾ هِن وقت مروج ٿيل لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڀڄن "راڳ" ڳائيندڙ. قديم سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ حضرت عيسيٰ جي پيدائش کان 6 سئو سال اڳ پاڳوت ذات جا ماڻهو جيڪي ڀڄن ڳائيندا هئا. آهو آهستي آهستي سنسڪرت لفظ ڀڪت کان بگڙجي ڀڳت ۾ تبديل ٿي ويو ڀڳت ڪنور رام 13 اپريل 1885ع ۾ سنڌو تهذيب جي ننڍڙي شهر ميرپورماٿيلو جي ڳوٺ "جروار" ۾ جنم ورتو. ڀڳت ڪنور رام جي پيءُ جو نالو ڀائي تارا چند ۽ ماءُ جو نالو تيرٿ ٻائي هو جنهن وقت ڪنور رام ڄائو، اُن وقت صوفي بزرگ سنت ڪوتا رام جروار ڳوٺ ۾ آيو ته سندس پيءُ ڀائي تارا چند هيءُ ننڍڙو ٻالڪ کڻي وڃي سنت ڪوتا رام جي جهوليءَ ۾ رکيو، جنهن ٻار جو نالو "ڪنور رام" رکيو ۽ پوءِ اڳتي هلي اُهو ٻار هڪ اهڙي شخصيت بڻجي ويو، جيڪو راڳ، رقص ۽ رواداريءَ جو مُجسم بڻجي ويو. هو سِنڌ سان گڏ سڄي مُلڪ ۽ سڄي دُنيا ۾ مشهور ٿي ويو آهي. هُن جو آواز ايترو ته مِٺو هو جو پکين جي ٻولين جهڙو سُرور بخشيندڙ هو.

سنڌس جي مٺڙي ۽ سُريلي آلاپ ۾ ايڏو ته لُطف ۽ جادو هو جو "چولا" ڪپائڻ وارو ٻار پنهنجي ناليءَ جيان هميشه ڪنول گل جيان ٽِڙيل ۽ پڪڙيل رهيو. ڪنور رام جي هوڪي ڏيڻ واري آواز ۾ ايتري ته مٺاس هئي جو هڪ ئي وقت ننڍا توڙي وڏا گڏ ٿي ويندا هئا. جيتوڻيڪ جنهن کي "چولا" نه وڻتا هوندا هئا، سو به خوش ٿي خوشيءَ سان "چولا" وٺي ويندو هو ڇاڪاڻ ته قدرت کيس آواز ۾ ايڏو وڏو ميٺاج بخشيو هو. ڀڳت ڪنور رام جي 1903ع ۾ اوتو مل جي نياڻيءَ سان شادي ٿي. ڀڳت ڪنور رام وٽ هندو مسلم جي متڀيد جو ڪو تصور ئي نه هو. جيڪڏهن هِن وٽ ڪو به سوالي اِيندو هو ته خالي موٽي نه ويندو هو، هو بنا ٻانهون ٻڌڻ جي ئي شايد ڪنهن سان مخاطب ٿيو هجي. راڳ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو ۽ ڪنور ساز ٻڌيو ۽ رام هِن جي آخري منزل تي هِن پنهنجي آواز جي جادوءَ ۽ انداز سان سنڌ ۾ ڀڳتي ڳائيڪيءَ جو نئون بُنياد وڌو. شهيد ڀڳت ڪنور رام بابت سائين جي ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکيو آهي ته: "جڏهن ڀڳت ڪنور رام جو هيءَ ڪلام ٻڌندو آهيان: "آءِ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون سان تن ماروئڙن جي" ته اُن وقت ڪاڏو ڪائيندو هجان يا پڙهي رهيو هجان، ٻئي ڪم ڇڏائي ويندا اُٿم."

ڀڳت ڪنور رام ورهاڱي کان اڳ مسجد منزل ڳاهه سکر وارن هندو-مسلم مذهبي فسادن ۾ پران ڏنو. درحقيقت ڀڳت ڪنور رام زندگيءَ جو آخري راڳ مانجهند شهر ۾ ڳايو مانجهند شهر مان ڳائي ريل ۾ چڙهي دادوءَ ۾ لٿو. ڀڳت ڪنور رام کي اُتي ڪي به شخص مليا ۽ پيرين پئي جيائيون ته "دعا ڪجو ته اسان، جنهن مقصد لاءِ نڪتا آهيون، آهو مقصد پورو ٿئي" ڀڳت ڪنور رام اُنهن ٻنهي شخصن کي غور سان ڏسي مُرڪندي چيو ته "اوهان جو مقصد پورو ٿيندو، اوهان جا ٻيڙا پار آهن."

اڄ امر شهيد ڀڳت ڪنور رام کي 86هين ورسيءَ جي موقعي تي رُڪ اسٽيشن تي گڏ ٿي پنهنجي لفظن ۾ ياد ڪري سندس جون سنڌي قوم لاءِ ڪيل خدمتون ۽ جدوجهد کي ساراهي انساني برابري ۽ رواداريءَ جا وچن ورجائيندي پرنام ڪري پيٽائون پيش ڪندا رهن ٿا. سچ پچ ته هِي سنڌ جي تاريخ جو نهايت ئي نمايان، عظيم ۽ انمول ڪِردار آهي. جيڪو سِنڌو تهذيب جي رُوح مثل آهي، جنهن تي اسان کي فخر آهي ۽ اهو فخر تيستائين رهندو، جيستائين ڪائنات باقي آهي.

aamir.ansari.sindhi@gmail.com

اڄوڪو ڏينهن ــــ 30 آڪٽوبر

دليپ تاهل

دليپ تاهل باليووڊ جو مشهور سنڌي اداڪار آهي. هن جو پورو نالو دليپ تهلرامائي آهي ۽ هنجو جنم 30 آڪٽوبر 1952ع تي هندستان جي شهر لکنوءَ ۾ ٿيو هن جا ماءُ ۽ پيءُ ٻئي سنڌي هئا. جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويا. هنجو پيءُ گهنشام جيٺانند تهلرامائي هندستان جي هوائي فوج جو هڪ آفيسر هو هن اترکنڊ رياست جي شهر نينيتال جي شيرووڊ ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي ان بعد سال کن علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو اڳتي هلي ممبئيءَ جي سينٽ زيوئر ڪاليج مان گريجوئيشن ڪيائين. هن 10 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ نينيتال شهر ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن شاگرديءَ واري زماني ۾ پنهنجي بهترين اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري ڪيترائي انعام حاصل ڪيا. 1968ع ۾ هن ممبئيءَ جي هڪ ٿيٽر ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن 1974ع ۾ فلم "انڪار" ۾ ڪردار ادا ڪري پنهنجي فلمي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. 1980ع ۾ فلم شان ۾ ولين جو ڪردار ادا ڪيائين. ان کان پوءِ هن هڪ سئو کان به وڌيڪ فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن هندي فلمن سان گڏ انگريزي ۽ پنجابي فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي. هن ٽيليويزن جي به ڪيترن ئي ڊراما سيريلس ۾ ڪم ڪيو آهي. هو اداڪار هجڻ سان گڏ هڪ سريلو ڳائڻو پڻ آهي.

ميان عبدالله راهي لڪوي

ميان عبدالله راهي لڪوي پنهنجي دور جو مشهور حڪيم، شاعر ۽ ديني عالم هو سندس ولادت 1860ع ڌاري شڪارپور ضلعي جي شهر لکيءَ ۾ ٿي. سندس والد جو نالو ڏٿيءَ ڏنو مهر هو. هن شڪارپور مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. هو لنواري شريف جي درگاهه جو مريد هو ۽ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو انهيءَ گذاريائين. لنواريءَ ۾ ئي ديني تعليم حاصل ڪيائين ۽ انهيءَ مولويءَ طور سندس دستاربندي ٿي. هو هڪ قابل حڪيم ۽ پختو شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، حمد، سه حرفيون، غزل، قصيدا، مداحون، مولود ۽ مرثيه وغيره شامل آهن. هن جي ڪتابن ۾ "مدح حضرت سلطان الاولياءِ حضرت

آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ڪتاب "عظيم سنڌي انسان" مطابق هن جي ولادت 28 جولاءِ 1895ع تي روهڙيءَ ۾ ٿي. هن سنڌي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول سکر مان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين. اڳتي هلي بئراج کاتي ۾ سروِس انسپيڪٽر آف ڪنٽرولڊ پرائيسز سکر ۽ ٽريزري آفيسر طور ڪم ڪري رٽائر ٿيو. اسڪول واري زماني کان ئي سندس لاڙو تصوف ۽ صوفيت طرف رهيو. سچل جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئس. هو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ صوفي راڳي پڻ هو. هن جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد اٽڪل 53 آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ديوان اڪبر" جي نالي سان ڇپيل آهي. هن 30 آڪٽوبر 1981ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

حاجي محمود هالائي

اڄ مشهور صحافيءَ ۽ اديب حاجي محمود هالائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 8 مارچ 1908ع تي هالا شهر ۾ حاجي محمد اسحاق ميمڻ جي گهر ۾ اکيون کوليون. شروعاتي تعليم پنهنجي شهر مان ئي حاصل ڪيائين. 1926ع ۾ حج جي سعادت نصيب ٿيس. هن 1926ع ڌاري صحافتي دنيا ۾ پير پاتو ۽ 1938ع ۾ هالا ۾ پرنٽنگ پريس جو بنياد رکيائين. هڪ سال کان پوءِ اها پريس ميرپورخاص ۾ منتقل ڪيائين ۽ انهيءَ پريس مان 1942ع ۾ هفتيوار همدرد اخبار جاري ڪيائين. هو ٿرپارڪر ايڊيٽر ايسوسيئيشن جو صدر، ڊسٽرڪٽ پرنٽنگ پريس ايسوسيئيشن جو صدر، ميرپورخاص پريس ڪلب جو صدر ۽ انجمن مديران سنڌ جو پريس سيڪريٽري پڻ رهيو. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي حريت پسند خيالن جو حامي هو. هن خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ، آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ ڀرپور حصو ورتو وطن جي آزاديءَ جي

مختيار انڙ

سيپٽمبر 1938ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هن جي پهرين فلم "دوراها" هئي، جنهن ۾ هن معاون اداڪار طور ڪم ڪيو. هن ڪل 16 فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ 8 اردو، 7 سنڌي ۽ هڪ پنجابي فلم شامل آهي. هن جي آخري فلم 'ميرا انصاف' هئي. هن ڪيترن ئي ٽيليويزن ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو. هن جي مشهور ڊرامن ۾ انڪل عرفي، ديوارين ۽ افشان شامل آهن. هن جا ٻه پٽ عدنان جيلاني ۽ ڪامران جيلاني به ٽيليويزن جا اداڪار آهن. قربان جيلانيءَ 30 آڪٽوبر 1996ع تي وفات ڪئي.

علامه مخدوم ميان محمود صديقي پاٽائي

علامه مخدوم محمود صديقي پاٽائي پنهنجي دور جو وڏو بزرگ، عالم، اديب ۽ حڪيم هو. هن بزرگ جو پيرائتو احوال مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ مولانا دين محمد اديب لکيو آهي. "انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا" ۽ گلزار ڪلهوڙي جي ڪتاب "پاٽ شريف تاريخ جي آئيني ۾" ۾ به هن بزرگ جو مختصر تعارف ڏنل آهي. پاٽ شريف ۾ جنم وٺندڙ هن بزرگ جي ولادت جي تاريخ نه ملي سگهي آهي سندس والد ميان محمد صالح به وڏو عالم ۽ مفتي هو. ميان محمود ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ٽونڪ ۾ مولانا برڪات وٽ پڙهيو. اڳتي هلي اجمير شريف ۾ مولانا معين الدين وٽ پڙهيو ۽ اتيئي سندس دستاربندي ٿي. پاڻ فقه، حديث ۽ تفسير جو وڏو ڄاڻو هو. کيس عربيءَ ۽ فارسيءَ تي وڏو عبور حاصل هو. عربيءَ ۾ هڪ ڪتاب به لکيائين. هو هڪ سئو حڪيم پڻ هو. هن بزرگ 29 جمادي الاثاني 1351هه مطابق 30 آڪٽوبر 1932ع تي راهه رباني ورتي.

پروفيسر محمد الياس ابڙو

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر

ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1949ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي. اڳتي هلي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري پروفيسر جو عهدو ماڻيائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪامرس شعبي جو چيئرمين ۽ آرٽس فيڪلٽيءَ جو ڊين رهيو. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليائين. هن جن ٻين عهدن تي رهي ڪم ڪيو، تن ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين، تعليم کاتي ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي ۽ ٻيا عهدا شامل آهن. هن 30 آڪٽوبر 1994ع ۾ وفات ڪئي.

عبدالغفور الستي

اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ، محقق ۽ سماجي اڳواڻ مرحوم عبدالغفور الستيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. مرحوم ڀلاري پٽ ڏٺيءَ جو سچو عاشق ۽ شارح هو هو 21 جنوري 1931ع تي سجاول

ضلعي جي مشهور شهر ڏڙي ۾ ارباب حاجي محمد صالح ميمڻ جي گهر خوشيون کڻي آيو. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان 1948ع ڌاري پاس ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران ٽيڪنيڪل ڪاليج سکر مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين. 1950ع کان 1960ع تائين پيج ڪاتي ۾ اوورسيئر ۽ ايس ڊي او طور ڪم ڪيائين. بعد ۾ نوڪري ڇڏي ٺيڪيداري ڪيائين. عبدالغفور کي لکڻ ۽ شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو سنڌ مدرسي ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ اسڪول جي شاگردن لاءِ سنڌي اخبار "جمهور" جاري ڪيائين. 1955ع کان سندس مضمون مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي زينت بنجڻ شروع ٿيا. 1971ع ۾ حيدرآباد مان ملير ڊائجيسٽ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيائين، جيڪو 1974ع تائين هليو. انهيءَ رسالي ۾ 1973ع جي آئين ۽ حڪومت جي پاليسين خلاف ايڊيٽوريل لکيائين. جنهن سبب 56 ڏينهن جيل ڪاٽيائين. ڀلاري پٽ ڏٺيءَ جي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. اهو ترجمو Celestial Sunrise from Sindh جي نالي سان 1986ع ۾ ڇپيو. سندس ٻين تصنيفن ۾ "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار"، "ٻنڌڻ ٻاروچن سين" (آتم ڪٿا)، بالغن جي تعليم لاءِ "الستي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب Xth سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر۔۔ سال 2025

مسمات صغران ڌيءُ اڪبر زال جان محمد رهندڙ بجل پٽي ڳوٺ سائيٽ ايريا حيدرآباد سيل نمبر 0318-0135369....پليٽنف...خلاف: جان محمد خاصخيلي پٽ نامعلوم رهندڙ ڳهانگهرا موري ويجهو ٽنڊو يوسف ٿانو حيدرآباد سيل نمبر 0370-3177195....ڊفينڊنٽ

ٽلي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪنداِ توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

Xth سول اينڊ فيملي ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2025

شريمتي مهوش زال ذوالفقار ذات خاصخيلي رهندڙ مجاهد ڪالوني بکيرا روڊ ضلعو ٽنڊوالهيار پوليس اسٽيشن بي-سيڪشن ٽنڊوالهيار...پليٽنف...خلاف: سبحان پٽ چانگ مسلم بالغ ذات لنجار رهندڙ ڳوٺ خاٿو وسان تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار سيل نمبر 0304-8714815....ڊفينڊنٽ

ٽلي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ...

عام اطلاع

هر عام و خاص مائهن کي هن اشتهار زرعي آگاهه ڪجي ٿو ته عرضدار نالي آهه بچايو ولد ادريس ذات لغاري رهندڙ امان الله شاهه ڪالوني ٽنڊوالهيار تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڪئي آهي ته سندس والد نالي ادريس ولد احمد لغاري رهندڙ امان الله شاهه ڪالوني ٽنڊوالهيار جيڪو تقريبن 05-05-2013 سال اڳ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي فوتي جي نالي ديهه ڳاڙهو صدر ۾ زرعي زمين آهي جنهن جو فوتي ڪاتو سندس جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ علائقي جي ٻن معزز مائهن هر هڪ (1) عبدالواحد ولد غلام مصطفيٰ ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ حاجي ايوب لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار (2) نالي محمد عباس ولد محمد عيسيٰ ذات لغاري رهندڙ امان الله شاهه ڪالوني ٽنڊوالهيار پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي جنهن موجب فوتي جا هيٺيان حقيقي ۽ جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) آهه بچايو (پٽ) (2) احمد (پٽ) (3) عبدالحق (پٽ) (4) مسمات مريم (ڌيءَ)، (5) مسمات حاجران (ڌيءَ)، (6) مسمات رابعه (ڌيءَ) (7) مسمات ذواليخان (بيواهه) تنهنڪري هن اشتهار زرعي سيني عام ۽ خاص مائهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو ته اگر انهيءَ فوتي ڪاتيبدل بابت ڪنهن کي ڪوبه اعتراض آهي ته هن اشتهار جي اشاعت بعد 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ قانون موجب قدم کنيو ويندو ۽ ڪا به حجت ٻڌي ويندي.

مختيارڪار تعلقو چمبڙ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي احمد شر ولد علي گل ذات شر بلوچ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي علي گل ولد سواڻي خان تاريخ 07-01-2024 فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر 116/ 11 to 14 ايراضي 04-00 ايڪڙ ۽ بيا مان ڳاڏيل حصي موجب ايراضي 02-00 ايڪڙ رڪارڊ ...

سکر هاءِ ڪورٽ مان گرفتاريءَ کان اڳ واري ضمانت منظور ڪرائڻ بعد ميرپورخاص جي ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ضمانت لاءِ پيش ٿيو جتان هڪ لک رپين جي مچلڪن عيوض سندس 6 ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ڪئي وئي آهي

بقايا	41	يار محمد رند

سان ڳالهائيندي چيو آهي ته بلوچن ۽ سنڌين ۾ ڪو به فرق ناهي اسان سنڌ ڌرتي ...

جوڏيل پوليس ٽيم جاچ دوران ڇاپا هڻي ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪيو جن ابتدائي جاچ دوران پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏجي ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو آهي هن چيو ته هن ڏينهن ڏٺي واري وڏي واردات ۾ ڊسٽريبيوٽر ايجنسي جي ملازمن کي يرغمال بڻائي هڪ لک 90 هزار رپيه روڪ ۽ 2 موبائيل فونون ڦر ڪري جوابدار فرار ٿي ويا هئا گرفتار جوابدارن جو اڄ عدالت مان رمانڊ حاصل ڪري سنڌن رهيل جوابدار ...

ڪيو ته فوري طور پير ڦٽيو شاخ تي زرعي پاڻي جي فراهمي بحال ڪرائي هزارين آبادگارن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا	25	انگ 3 ٿي ويو

ٻارڙي فاطمه شيخ فوت ٿي وئي آهي جڏهن ته هڪ هفتي اندر 3 ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن جڏهن 24 ڪلاڪن اندر 40 ٻارڙن کي سکي اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ...

ٺل لڳ بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ فتح محمد بنگلاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي مٿان فائرنگ

گوليون لڳڻ سبب بخت الله بنگلاڻي موقعي تي ئي مارجي ويو، هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ٺل جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ فتح محمد بنگلاڻي ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هڪ پيرو بيهر خوني تڪرار پڙڪي اٿيو ڌرين
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سکر: سوئي گيس جا عملدار ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ميڊيا ٽيم جو سکر پريس ڪلب جو دورو

ڪمپني آفيسرن ۽ پريس ڪلب جي عهديدارن وچ ۾ ميڊيا جي ڪردار ۽ توانائي شعبي تي خيالن جي ڏي وٺ

سوئي سدرن گيس ڪمپني عوام کي معياري خدمتون فراهم ڪرڻ ۽ نظام جي اپ گريڊيشن لاءِ پرعزم

سکر(بيورو رپورٽ)سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC)جي ميڊيا ٽيم سکر پريس ڪلب جو دورو ڪيو ڪمپني جي اعليٰ آفيسرن ۽ ميڊيا نمائندن پاران پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي. سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ميڊيا ٽيم ۾ گروپ جنرل مينيجر شاهد شيخ ڊپٽي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٻڌوري ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ٻئي واپاري کان ڦر

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو ۾ بدامني جي باهه گهٽ نه ٿي ڇٺن ڏينهن اندر هڪ ٻيو واپاري ڦورن هٿان ڦرجي ويو انتظاميا
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ جساف جو غني امان چانڊيو جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه(س ر) جساف (شهيد بشير خان قريشي گروپ) پاران نيشنل ڪانگريس جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر: صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سجاول لڳ ساريون ميڙيندڙ معصوم ٽينگر ٽريشر سان ٽڪرائجي فوت

سجاول (ڊ ر) سجاول لڳ بيلو شهر ۾ سارين جي ٿريشر پويان ساريون ميڙيندي معصوم ٽينگر ٿريشر سان ٽڪرائجي فوت ٿي ويو خبر موجب سجاول ويجهو بيلي شهر سان تعلق رکندڙ 14 ورهين جو علي نواز ولد بلاول ملاح ٿريشر جي پويان ساريون ميڙڻ لاءِ ڊوڙيندي ٿريشر سان ٽڪرائجي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سنڌ پارليامانی رپورٽرز ايسوسيئيشن جا عهديدار

اينڊڙ ٻن سالن لاءِ ٻيهر چونڊجي ويا، پ پ

چيئرمين، وڏي وزير ۽ ٻين پاران مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پارليامانی رپورٽرز ايسوسيئيشن (ايس پي آر اي) جي ساليانو عام گڏجاڻي ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿي گڏري جنهن ۾ سينئر ميمبرن ڀرپور شرڪت ڪئي اجلاس دوران ميمبرن منير ساقي، فقير سليم شبير
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ڀهڻ جي گهر ۾ ڌاڙي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

جوابدار جلد قانون جي گرفت ۾ ايندا، ماهر ٽيم تحقيقات ۾ مصروف آهي: ايس ايس پي

پوليس تي مڪمل اعتماد، بيگناهن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ جي يقين ڏيارايو ويو: ذوالفقار علي ڀهڻ

مورو (ن ع) پرسان ڏيرڻ ۾ گذريل ڏينهن پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ڀهڻ جي گهر کي لڳل ڌاڙي جا جوابدار 3ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جنهن ڪري عوام ۾ سخت ڏاڍ پکڙيل آهي اجان ڏاڻين پوليس جي ڪاب اڳ پراڻي نه ٿي سگهي آهي ايس
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڊينگي وائرس جا 10 ڪيس ظاهر، نوجوان فوت، جمس اسپتال ۾ وارڊ قائم

19 ورهين جو نوجوان آصف علي ڊينگي وائرس سبب فوت، پيرسن عورت سميت ڪيترائي مريض اسپتال داخل

ڊائريڪٽر جمس ڊاڪٽر زبير شيخ پاران ڊينگي مريضن لاءِ مرد، عورتن ۽ ٻارڙن جو خصوصي وارڊ قائم ڪرڻ جو اعلان

شهر ۾ اسپري ۽ حفاظتي انتظام تيزي سان شروع ڪيا ويندا، ڪٽس جي فراهمي لاءِ صحت کاتي کي لکيو آهي: ڊي سي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ ڊينگي وائرس جا 10 ڪيس ظاهر نوجوان فوت، جمس اسپتال ۾ ڊينگي جي مرض ۾ مبتلا عورت زير علاج، ڊينگي وائرس جا ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد جمس اسپتال ۾ خصوصي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: حادثي ۾ فوت ٿيل اڻ ڄاتل شخص جو لاش پيل آهي

ٽنڊوجام ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ چوڪيدار فوت

پشاور کان ڪراچي ويندڙ ٽرين جي ٽڪر ۾ 25 سالہ ذوالفقار ميسو چيپاٽجي فوت ٿي

ٽنڊوجام (ت ر) ٽنڊوجام ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ چوڪيدار فوت واقعو اتفاقي قرار خبر موجب ٽنڊوجام ويجهو راهوڪي ٿاڻي جي حد ڪراچي لاهور ريلوي ٽريڪ تي پشاور کان ڪراچي ويندڙ ٽرين جي ٽڪر ۾ 25 سالہ ذوالفقار ميسو چيپاٽجي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي راهوڪي پوليس واقعي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ اڌڙوٽ شخص فوت، لاش اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ڪنڊو روڊ تي ڳوٺ ملو ڪوسو لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ نامعلوم اڌڙوٽ شخص فوت جنهن جو لاش ڪار ۾ سوار همراهه تعلق اسپتال ڇڏي ويا سنڌس ڪيسي مان ڪاٻ شي برآمد نه ٿي آهي جنهن ڪري سنڌس سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي . وارثن جي ڳولا جاري آهي

گولارچي: ڇاتي جي ڪينسر بابت جاڳرتا مهم دوران شاگردياڻيون شريڪ آهن

27هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي، جنهن ۾ ملڪ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ وارو خطرناڪ منصوبو شامل آهي:سسئي پليجو

سنڌ کي ٻن يونٽن ۾ ورهائڻ لاءِ صوبن جي رضامنديءَ وارو آئيني حق به ابر ڪيو اير جي مرضي موجب ڪمش جي سازش پئي ٿي

ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪري صوبن جا وسيلا ۽ اختيار ڪسي مرڪز حوالي ڪرڻ جو منصوبو تيار ٿي رهيو آهي

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ نه ڏينداسين، ايوان ۾ ويٺل نمائندن کي تحرڪ ۾ اچي خفيه ڊرافٽ عوام آڏو آڻڻ جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) اڪٽي طور تي 27هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي جنهن ۾ ملڪ کي 9 انتظامي يونٽس ۾ تقسيم ڪرڻ وارو خطرناڪ منصوبو شامل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ھنگورجا: جسمر اڳواڻ فياض ڏاهري قومي ڏاهرا ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهيو آهي

سيٺارجا پرسان پيءُ پاران نينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي، ڪيس داخل

نينگري ۽ ناني پاران 16 ڏينهن اڳ اين سي داخل ڪرائي وئي پر انصاف نه مليو

نينگري کي ميڊيڪل ليٽر جاري، رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا پرسان پيءُ پاران نينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي نينگري جي ناني جي فرياد تي سيٺارجا ٿاڻي تي ڪيس داخل،جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو تفصيلي رپورٽ موجب سيٺارجا پرسان ڏيپارجا جي ڳوٺ ٻانهڻ ۾ هڪ انسانيت سوز واقعو پيش آيو آهي جتي 13 ورهين
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٺٽون دمبالو لڳ ڳوٺاڻن جو بااثر آبادگارن ۽ آبپاشي کاتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽون دمبالو (ن ع) ٺٽون دمبالو لڳ ڳوٺ غازي مزاري جي ڳوٺاڻن جو بااثر آبادگارن ۽ آبپاشي کاتي خلاف احتجاجي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

راڄوخاڻاڻي ۾ 9 ساله نينگر سان زيادتي ڪيس جو جوابدار عدالت مان آساني سان فرار

عدالت پاران ضمانت رد ٿيڻ باوجود جوابدار علي رضا خاصخيلي پوليس جي موجودگي ۾ ڀڄي ويو

ٻيو جوابدار اڳ ۾ گرفتار ٿيل، متاثر نينگر جي والد جو احتجاج

راڄوخاڻاڻي(ن ع) راڄوخاڻاڻي ۾ 9 ساله معصوم نينگر اظهر علي خاصخيلي سان ٻه مهينا اڳ ٻن جوابدارن پاران مبينا زيادتي ڪيس جي ٻن جوابدارن مان هڪ جوابدار گرفتار ۽ جيل حوالي آهي جڏهن ته ٻيو جوابدار علي رضا خاصخيلي اڃان تائين پوليس گرفتار ناهي ڪري سگهي ، گذريل
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس جي ڪارروائي، منشيات هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پوليس طرفان سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: راجا بازار ۾ گٽر لائين جي تعمير دوران بازار ۾ گندو پاڻي بيٺل آهي

وفاقي حڪومت بي آءِ ايس پي مان سنڌ جي 6 لک 28 هزار مستحق عورتن جا نالا خارج ڪري ڇڏيا

بدين مان 82 هزار 959، جيڪب آباد مان 29 هزار کان وڌيڪ عورتن جا نالا ڪڍيا ويا

قمبر جا 38 هزار کان وڌيڪ، مٽياري جا 18 هزار کان وڌيڪ نالا خارج ڪيا ويا آهن:ذريعا

رهيل 11 ضلعن جي سروي رپورٽ پڌري ٿيڻ کانپوءِ نالا خارج ٿيڻ جو ڪل تعداد 11 لک ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت سنڌ ۾ رجسٽرڊ 6 لک 28 هزار مستحق عورتن جا نالا خارج ڪري ڇڏيا، سنڌ جي رهيل 11 ضلعن جي سروي رپورٽ پڌري ٿيڻ کانپوءِ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ڀرپاسي مليريا وگهي نينگري فوت، انگ 3 ٿي ويو

خيرپور(ڊ ر) صحت کاتي جي نااهلي ڪري خيرپور ۽ آس پاس مليريا وبا جي صورتحال اختيار ڪري رئي آهي وڌيڪ هڪ معصوم
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

نبي سر ٿر ۾ ٻن سڳن ڀائرن کي قتل ڪندڙ جوابدار عدالت پيش

جوابدارن نظير، منور اقبال ۽ ملڪ چانڊيو کي ڪنري جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت جوابدار منور ۽ ملڪ چانڊيو پاران ڏوهه جو اعتراف، وڌيڪ ٻه ڪيس ٻڌ داخل

ڪنري(ن ع) هڪ هفتو اڳ سر ٿر ۾ سگاڙتي تڪرار تان بيدردي سان قتل ٿيل ٻن پورهيت ڀائرن جان محمد ۽ صابر چانڊيو جي قتل ڪيس گرفتار ڇهين جوابدارن نظير چانڊيو منور چانڊيو اقبال ۽ ملڪ چانڊيو کي ٻيهر ڪنري جي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت کان ڏينهن جي ريمانڊ تي ڪيو پوليس حوالي ڪيو جڏهن ته عدالت ۾ ٻن جوابدارن منور ۽ ملڪ چانڊيو پاران قتل جو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ شخص مٽي تي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون کڻي اچي رهيو آهي

خيرپور ۾ صحافين سان ٿيل ڦرمار ۽ چورين جا واقعا حل نه ٿيا، احتجاج

صحافي ثاقب صديقي، غلام مصطفيٰ ميتلو ۽ اطهر صديقي جي سامان هٿ نه آيو

صحافين جو آءِ جي ۽ صحافتي تنظيمن کان انصاف ۽ سامان جي واپسي لاءِ مطالبو

خيرپور (ڊ ر)خيرپور ۾ ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود خيرپور جي صحافين سان ٿيل ڦرمار ۽ چورين جا واقعا اڃا تائين خيرپور پوليس حل نه ڪري سگهي آهي ايس ايس پي خيرپور صحافين کي صرف لولي پاپ ڏيڻ ۾ مصروف آهي، جڏهن ته متاثر صحافين پاران احتجاج جاري آهي خيرپور ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران صحافي ثاقب صديقي، غلام مصطفيٰ ميتلو بزرگ صحافي محمد اطهر صديقي ۽ ٻين سان موٽرسائيڪل ڦرلٽ ۽ گهرن ۾ چورين جا
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ عورت جو مڙس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي مڙس نشو واپرائي تشدد ڪندو آهي،گهر کي باهه ڏئي ساڙي منهنجا ٻار ڪسي ورتا اٿس تحفظ ۽ انصاف جي لاءِ داتهڻ جي لاءِ عورت ڏگهڙي پريس ڪلب پهتي،انور آباد ڪالوني ڏگهڙي جي رهواسڻ مسمات آسيه
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٻارڙا گند سان ڀريل نالو ڏسي رهيا آهن

لاڙڪاڻو: هڪ لاڏائو ڪٽنب گڏهه گاڏي تي وڃي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ ينگ ڊاڪٽرز جو نوجوان جي فوتگي واري ڪيس تي احتجاج

جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪيس داخل ٿيڻ افسوسناڪ عمل آهي: روشن چانڊيو

اسپتال ۾ 550 ڊينگي مريض داخل آهن ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب علاج جو عمل متاثر آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر ڊاڪٽر روشن چانڊيو نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پوليس پاران نوجوان جي علاج دوران فوت ٿيڻ واري واقعي جي جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪيس داخل ڪرڻ افسوسناڪ عمل
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ترقياتي منصوبن جي رٿا سر مڪمل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي:جام اڪرام الله

پ پ عوامي خدمت جي مشن تي قائم آهي، ترقي ۽ خوشحالي جو سفر وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو

ترقياتي منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد جاري آهي 15 ڪلوميٽر ڊگهي ٿئين روڊن جي تعمير مڪمل ڪئي وئي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله خان ڌاريجو جي هدايت تي تڪ بي ايس-22 پنو عاقل جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد جاري آهي. جام اڪرام الله ڌاريجو جي اڳواڻي هيٺ علائقي ۾ 15 ڪلوميٽر ڊگهي ٿئين روڊن جي تعمير
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ساماري لڳ پرائمري استاد جي گهر مان لکين رپين جي چوري، ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج

نامعلوم چورن 3 لک روڪ رقم، سون چاندي، پسٽل ۽ ضروري ڪاغذن سميت قيمتي سامان ڪٽي فرار

يوسي چيئرمين، پي پي اڳواڻ ۽ واپاري برادري متاثر استاد سان ملاقات ڪري همدردي ظاهر ڪئي

ساماري(ن ع) ساماري لڳ پرائمري استاد جي گهران لکين رپين جو سامان روڪ رقم چوري سخت احتجاج ساماري لڳ يوسي نورخان جي پ پ ڪائونسلر ديوان مالهي جي پاڙ ۽ ڳوٺ موتي رام مالهي جي رهواسي پرائمري پريم چند مالهي جي گهر رات دير سان نامعلوم چورن چوري ڪري 3 لک روپيا روڪ ڏيڍ ڪلو چاندي 8 تولا سون رقم لائنسن وارو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پارلياماني رپورٽرز ايسوسيئيشن جي چونڊ جي موقعي تي ورتل فوٽو

مٽياري واسي نوجوان زاهد ميمڻ گهوٽڪي ڪچي واري علائقي مان بازياب

48 ڪلاڪن جي آپريشن بعد مغوي زاهد ميمڻ کي بازياب ڪرايو آهي: ڊي آئي جي حيدرآباد

زاهد ميمڻ هڪ مهينو اڳ ملتان ڪيلي جو واپار ڪرڻ لاءِ ويو هو جتان هو اغوا ٿي ويو هو

مٽياري(ڊ ر) مٽياري واسي نوجوان پورهيت زاهد ميمڻ گهوٽڪي ڪچي واري علائقي مان بازياب، ڊي آئي جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو پاران مغوي کي ڪچي ۾ آپريشن بعد بازياب ڪرائڻ جي دعوا. مسلسل 48 ڪلاڪن جي آپريشن بعد مغوي زاهد ميمڻ کي بازياب ڪرائي ورتو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏري ميرواهه ۾ گندي پاڻي جي نالي کي ڪڍڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ ۾ پراڻو نيڪال سسٽم هٽ سان بند ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ٺٽون نالو اسڪول ۽ گهرن طرف موڙيو پيو وڃي، جيڪا ذاتي دشمني جو نتيجو آهي

ڏري ميرواهه (ن ع) ڏري ميرواهه ڳوٺ ٺٺيي ڏري جا رهواسي احتجاج ڪندي چيو ته گندي پاڻي جو نالو گهرن ۽ سرڪاري اسڪول ڏانهن موڙيو پيو وڃي احتجاج جي اڳواڻي استاد امداد حسين استاد الطاف حسين، خادم حسين الاهي بخش، رفيق احمد جوڳي ۽ ٻين ڪئي، جن ميڊيا آڏو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ ڪنڀي گر ڪيل غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي سميت ٻين جي آزادي لاءِ مظاهرو

وائيس آف مسنگ پرسن پاران سسئي لوهار، سعيد چانڊيو امجد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

سنڌ اندر جبري گمشدگي ۾ تيزي ۽ مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي: اڳواڻ

نصيرآباد (ن ع) وائيس آف مسنگ پرسن سنڌ جي سڏ تي ڪراچي مان ڪنڀي گر ڪيل غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي سميت ٻين قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ نوناري محلي کان سسئي لوهار سعيد چانڊيو امجد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: غني آدم جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ تاريخي ۽ ختم نه ٿيندڙ دوستي آهي: ڊاڪٽر مجيب صحرائي

سنڌ مدرسه يونيورسٽيءَ ۾ ترڪي جي ريپبلڪ ڏي جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي

خان بهادر حسن علي آفندي روس سان جنگ ۾ سلطنت عثمانيه جي مدد ڪئي هئي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو آهي ته پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ تاريخي ۽ ختم نه ٿيندڙ دوستي آهي جيڪا خوشي، تڪليفن، جنگين امن ۽ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ سهڪار وارن موقعن تي ثابت ٿي آهي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ماتيلي ۾ جبري ڪنڀي گر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي

جسقم، سنڌ سڀا ۽ جسٽ جي اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي ۽ ڏاڏي جکراڻي کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي:مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ جبري ڪنڀي گر ڪيل قومي ڪارڪنن غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي، ڏاڏي جکراڻي ۽ ٻين ڪنڀي گر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ قوم پرست پارٽين پاران ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نيشنل ڪانگريس جي شاگرد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پير ڳڇيو شاخ جي آبادگارن جو پاڻي لاءِ احتجاج، آبپاشي کاتي خلاف ڌرڻو

آبپاشي عملو پيسن عيوض پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، پير ڳڇيو شاخ خشڪ پيل آهي

فوري طور زرعي پاڻي فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو:مظاهرين

دادو(رپورٽ: ولي محمد لنڊ) پير ڳڇيو شاخ جا آبادگار زرعي پاڻي جي حاصلات لاءِ روڊن تي پهچي ويا، آبپاشي عملي خلاف مظاهرو نعريبازي، دادو ۾ پير ڳڇيو شاخ جي آبادگارن پاران زرعي پاڻي جي فراهمي لاءِ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پيادل مارچ ڪري نعريبازي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو: پيرڳڇيو شاخ جا آبادگار آبپاشي عملدار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي پرسان پوليس اهلڪار جي شهادت بعد ڳوٺ تي چڙهائي، 15 شڪي گرفتار

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ ٻقاپور تي چڙهائي ڪئي

مبينا طور 15 کان وڌيڪ شڪي ماڻهو گرفتار، واقعي ۾ اسان ڪنهن به طرح ملوث نه آهيون: ڳوٺاڻا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس طرفان ٻه ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل ٻقاپور لڪرو جي انچارج پوليس اهلڪار مشتاق تنيو جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ ٻقاپور تي چڙهائي ڪري مبينا طور 15 کان وڌيڪ
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

باقراڻي جي ڳوٺ ڪمون بنگلو جي رهواسين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

بااثر نڌار بروهي هٿيارن جي زور تي نوجوان رضوان جانوري کي اغوا ڪري 40 هزار روپيا ڦر ڪيا آهن: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ ڪمون بنگلو جي رهواسين بااثرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻي ضمير علي جانوري پنهنجي پاءِ نظير احمد، پٽ راجا، پائٽين شاهزيب ۽ رضوان جانوري سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل 27 آڪٽومبر تي شام جي وقت
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڊينگي جو مرض وبائي صورت اختيار ڪري ويو آهي:حليم عادل شيخ

سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتو ڊينگي جي مرض تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن

حڪمرانن جي ڪرپشن صحت کاتي سوڌو سرڪاري کاتن کي اڌوهي جيان چٽي چڪي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو ته جلد پ پ پجايو سنڌ بچايو تحريڪ هلائي ويندي،هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڊينگي جو مرض وبائي صورت اختيار ڪري ويو آهي جنهن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا فوت

بلڙي شاهه ڪريم روڊ ٽائون ميل بس اسٽاپ تي تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ممتاز نارو ۽ نظير نارو ٿڏي تي فوت ٿي ويا، لاش اسپتال منتقل

ڊرائيور موقعي تان فرار، پوليس ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهه ڪريم روڊ تي تيز رفتار ڪار، موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ 2 نوجوان ٿڏي تي فوت ، ڪار ڪاهي ۾ ڪري پئي ، ڊرائيور فرار ٿي ويو، خبر موجب ٽنڊو محمد
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ٻن ڄڻن جا لاش

ٽنڊو پوليس واپاري جي ايجنسي تي ٿيل ڦر ڪيس جا ٻه مُک جوابدار گرفتار ڪري ورتا

شيرازي محلي ۾ ڏينهن ڏٺي ڦر ڪندڙ جوابدارن هڪ لک 90 هزار ۽ 2 موبائل ڦر ڪيا هئا

گرفتار جوابدار ٻين ضلعن ۾ به ڦرن ۽ ڏوهن جو اعتراف ڪيو آهي: ايس ايس پي

ٽنڊو(ڊ ر) هفتو اڳ ڏينهن ڏٺي ٺٽي شهر مان واپاري عبدالرحيم ٿهڙيو جي ڊسٽريبيوشن ايجنسي تان ڌاڙو هڻي روڪ رقم ۽ موبائيل فونن ڦر ڪرڻ واري واردات ۾ ٺٽو پوليس ٻن مُک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڦر ٿيل رقم مان 50 هزار روپيه ۽ 2 موبائيل فونون برآمد ڪيون ويون
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ميونسپل ملازم پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ۾ ميونسپل ملازمن جو پگهارن جي بحالي لاءِ 23 ڏينهن نه احتجاج جاري

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ميونسپل ملازمن پاران پگهارن جي بحالي لاءِ 23 ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ جاري گهوٽڪي بار جي صدر شاهنواز وسير سٽ سميت احتجاجي ڪئمپ تي پهچي ريو تفصيل موجب ڇهن سالن کان سياسي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪنري ٽوپان شاخ اسٽاپ تي دوڪانن مان چوري، شٽر بند ڪري احتجاج ڌرڻو

عطا الله سولنگي ۽ ماجد ڪپري جا دوڪان مان چور هزارين رپين جو سامان ٻهاري ويا

دڪاندارن جو علائقي ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي غفلت خلاف سخت نعريبازي

بدامني تي نوٽس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مظاهرين

ڪنري (ن ع) ڪنري لڳ ٽوپان شاخ اسٽاپ تي ٻن دوڪاندارن عطا الله سولنگي ۽ ماجد ڪپري جي دوڪانن مان گذريل رات نامعلوم چوري ڪاٽ هڻي هزارين رپين جو سامان چوري ڪري ويا واقعي خلاف
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

مٺي لڳ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان فوت

مٺي (ڊ-ر) مٺي جي سنڌ ڪول اٿارٽي ڪالوني ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان ارباب علي بجير به زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ڪجهه ڏينهن گهر ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب باهه لڳي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ليڊي هيلٿ ورڪر شبانا شاهاڻي جو پوليس تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام

مخالفن جي چوڻ تي پوليس 9 Cجو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي: شبانا شاهاڻي

منهنجي پٽ راحيل شاهاڻي کي قتل ڪيو ويو هاڻي مونکي حراسان ڪيو پيو وڃي

راڌڻپور (ن ع) هڪ هفتو اڳ گمبٽ پوليس پاران منشيات جو ڪيس داخل ڪرڻ ڪورٽ سگهوري پاران ضمانت ڏيڻ بعد جيل مان آزادي بعد ليڊي هيلٿ ورڪر شبانا شاهاڻي پنهنجي معصوم نياڻين سان گڏ قرآن پاڪ کڻي راڌڻپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي مخالفن جي چوڻ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مٽياري: ڌاڙيلن جي چنبي مان بازياب ڪرايل نوجوان

ميرپور ماٿيلو ويجهو مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ علي خان نائچ جي رهواسين پاران ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

پوليس جوابدارن جي سهولتڪار بڻيل آهي، ايف آءِ آر باوجود ليلا بازياب ناهي ٿي:مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ علي خان نائچ جي رهواسين جو مبينا طور اغوا ٿي ويل ناري جي بازيابي لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو نياڻي جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ علي خان نائچ
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: ڳوٺ علي خان نائچ جا رهواسي نياڻي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور ۾ پوليس ڪارروائي ڪري ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتار ڪري ورتو، ڪيس داخل

شهدادپور (ن ع) شهدادپور پوليس شهر جي راجپوت ڪالوني ۾ مٽياري ضلعي جي سعيد آباد جون رومنگ ڊوائيسون هلائي لڪ ڇپ ۾ عورتن جي بي آءِ ايس پي وظيفي جي رقم مان غيرقانوني ڪٽوتي ڪري غبن ڪندڙ جاڙ ڪيش جون رومنگ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

عورت زيادتي ڪيس ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او جي سکر هاءِ ڪورٽ مان ضمانت منظور

مير خادم ٽالپر سکر عدالت بعد ميرپورخاص عدالت مان به 6 ڏينهن جي ڪچي ضمانت حاصل ڪري ورتي

ڌيءَ جي بازيابيءَ جي نالي تي ايس ايڇ او ڪمري ۾ وٺي لجالت جو نشانو بڻايو: عاليا شيخ

ايس ايڇ او ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ پئسن جي لالچ ۽ رستي مان ڪڻائي ڇڏڻ جون ڌمڪيون پيو ڏي

ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص تعاون ڪري رهيا آهن، سنڌن جاچ مان مطمئن آهيان

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ ايس ايڇ او تي لجالت جو الزام لڳائيندڙ عورت پاران ايس ايڇ او تي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ پئسن جي لالچ ڏيڻ جو الزام عورت عاليا شيخ چيو آهي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

بلوچن ۽ سنڌين ۾ فرق ناهي، اسان ڌرتي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن: سردار يار محمد رند

بلوچستان ۾ ٽاڻا لڳيا پيا وڃن پوليس کي ماريو پيو وڃي ايس ايڇ او به شهيد ٿي رهيا آهن

پ پ ۽ ن ليگ جو حڪومتي اتحاد غير فطري آهي ان ڪري اختلاف وڌي رهيا آهي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ لڳ ڳوٺ سونهري ۾ رند برادري جو ڪٺ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ بلوچستان سان تعلق رکندڙ اڳوڻي وفاقي وزير ۽ رند برادري جي چيف سردار يار محمد رند خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي سردار يار محمد رند ڪٺ واري جلسي کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جو وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي ڊي آءِ جي پير محمد شاهه کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪاروائيون، 7 موٽرسائيڪلون برآمد، 2 جوابدار گرفتار

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان موٽر سائيڪلن جي چوري جي وڌندڙ وارداتن تي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: سردار يار محمد رند ميڙاڪي ۾ اچي رهيو آهي

ڪڻڪ ۽ ٽماٽن جي درآمد فوري بند ڪئي وڃي، مقامي هارين جو استحصال پيو ٿي: نديم قمر

آءِ ايم ايف ايگريڪلچر جي ڪنهن به شعبي ۾ اگهه مقرر ڪرڻ نٿي ڏي ته پوءِ حڪومت جو ڪڻڪ ۾ ڪهڙو مفاد آهي

ان وقت سنڌ جو ٽماٽو تيار آهي ۽ ڪمند تيار آهي، اهڙي وقت ڪڻڪ ۽ ٽماٽو ٻاهران گهرائڻ آبادگارن ۽ هارين سان ظلم آهي

حڪومت پنهنجي پاليسين تي نظر ثاني ڪري، هر قسم جي زرعي جنسن مان ٻاهران شيون گهرائڻ تي ٻن سالن لاءِ پابندي لڳائي وڃي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ايوان زراعت سنڌ جي چيئرمن ان چيف ۽ مرڪزي صدر ڊاڪٽر سيد نديم قمر متحده عرب امارات، برازيل ۽ ويتنام مان 80 هزار ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ سان ڀريل ڪڻڪ جا ٽي جهاز
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ ڳوٺاڻن جو پنهنجي مائٽن خلاف احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه(س ر) تعلقي دوڙ جي ڳوٺ پيرونمل جي رهواسي وارث ديناري پنهنجي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

صحت کاتي ڪرونا وبا دوران ڀرتي ڪيل ڊيلي ويجز ملازمن کي فارغ ڪري ڇڏيو

ڊي ايڇ او خيرپور 119 ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جو آرڊر جاري ڪيو

اسان کي قوم جي خدمت عيوض اعزاز ڏيڻ بدران بيروزگار ڪيو ويو آهي: ملازم

خيرپور(ڊ ر) 4 سال اڳ صحت کاتي سنڌ طرفان ڪرونا وبا دوران ڀرتي ڪيل ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪرين مان فارغ ڪري ڇڏيو ڊي ايڇ او خيرپور ڪرونا دوران خدمتون سرانجام ڏيندڙ 119 ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو تفصيل موجب متاثر ملازمن ۾ ميڊيڪل اسٽوڊنٽس، نرسنگ، ڊيٽا انٽري آپريٽر ۽ واليٽيئر شامل آهن. ملازمن ۾
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ٺٽي جي عدالت عام چونڊن ۾ حملي جي چار جوابدارن کي 5 سال قيد ۽ هڪ لک روپيه ڏنڊ جي سزا

ٺٽو (ڊ ر) 8 فيبروري 2024ع ۾ عام چونڊن واري ڏينهن تي ڪينجهر ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن پاران حملو ڪري چئن ڳوٺاڻن کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ميڊيڪل اسٽور تي هٿياربندن جي ڪاهه، ملازم يرغمال، ڦرلٽ

جت ناڪا پرسان چار هٿياربند اسٽور تي حملو ڪري موبائل ۽ روڪ رقم ڪٽي فرار

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوٽيج حاصل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

هالا (ت ر) هالا شهر جي مصروف ترين علائقي ۾ چئن هٿياربندن پاران ميڊيڪل اسٽور تي ڪاهه ڪري هٿيارن جي زور تي اسٽور ملازم کي يرغمال بڻائي ۽ آساني سان فرار ٿي ويا ـ جت ناڪا پرسان ڊاڪٽر رضوانا ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نديم ميمڻ جي ڪلينڪ آڏو قائم ميڊيڪل اسٽور تي اوچتو ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار چئن هٿياربندن اسٽور ملازم کي يرغمال بڻائي ٽي موبائلون ۽
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ شخص روڊ ڪناري اسٽال تي برتن وڪرو ڪري رهيو آهي

ڏکڻ ۾ هٿياربندن جو صحافي اصغر ٿهيم جي گهر تي حملو، اغوا جي ڪوشش ناڪام

هٿياربندن گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي صحافي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

چوڪيدار جي فائرنگ تي جوابدار فرار، واقعي تي ايس ايس پي شڪارپور جو نوٽيس

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو: ايس ايس پي

ڏکڻ (ن ع) ڏکڻ ۾ اناج جي واپاري ۽ سينيئر صحافي اصغر ٿهيم جي گهر تي هٿياربندن جي ڪاهه،گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي واپاري ۽ سينيئر صحافي اصغر ٿهيم کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش،چوڪيدار جي فائرنگ تي هٿياربند فرار،ٿهيم برادري ،صحافين ۽ پوليس پاران
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڏکڻ: صحافي اصغر ٿهيم کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ عورت جو پٽ سان گڏجي ڏيرن خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

بدين(ڊ ر) بدين ويجهو ڳوٺ لڪاڏنو ساريجو جي رهواسڻ مسمات پاڳ پري ۽ نصير ساريجو گذريل ڏينهن پنهنجي ڳوٺ لڪاڏنو ساريجو ۾ پنهنجي گهر تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته منهنجي گهر وارو نوراحمد ساريجو جي
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.